ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 30 مئي 2026ع 13 ذوالحج 1447ھ صفحا 06 - ملھہ 30 ويہ شمارو (283)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

آبنائي هرمز ۾ ناڪابندي ختم، ايران سان ڪيئي نقطن تي اتفاق، آمريڪي صدر پاران اهم اڳڀرائي جو اعلان

ايران سان تڪرار ڪي حل ڪرڻ ۽ شپنگ لين کي بحال ڪرڻ ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي، آبنائي هرمز ۾ ايراني بحريہ جي آمريڪي ناڪا بندي ختم ڪئي پئي وڃي: صدر ڊونلڊ ٽرمپ

قاتل جهازن ۽ انهن جي عملي کي هاڻي پنهنجن گهرن ڏانهن واپس وڃڻ جي تياري ڪرڻ گهرجي، عيوض ۾ ايران يقيني بڻائيندو تہ آبنائي هرمز ۾ سامونڊي ٽرئفڪ جو وهڪرو هموار هجي

اتي ڪو بہ ٽول يا اضافي فيس نہ ورتي ويندي، آمريڪي بارودي سرنگون اڳ ۾ ئي آبنائي هرمز ۾ رکيل ڪيترين ئي بحري بارودي سرنگون تباهہ ڪري ڇڏيون آهن

ايران فوري طور تي باقي بارودي سرنگون هٽائي يا تباهہ ڪندو، ايندڙ اطلاع تائين ايران سان ڪو بہ مالي معاملو نہ هوندو، پر ايران سان ٻين گهڻن اهم معاملن تي اتفاق ڪيو ويو آهي

آمريڪا، چين، ايران ۽ بين الاقوامي ايٽمي توانائي ايجنسي (IAEA) جي تعاون سان، هن ايٽمي مٽي کي زمين تان هٽايو ويندو ۽ مڪمل طور تي تباهہ ڪيو ويندو

ايران کي اهو متفق ٿيڻ گهرجي تہ هو ڪڏهن بہ ايٽمي هٿيار يا ايٽمي بم حاصل نہ ڪندو، آخري فيصلو ڪرڻ لاءِ وائيٽ هائوس جي صورتحال روم ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندس

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اعلان ڪيو آهي تہ آبنائي هرمز ۾ جاري تڪرار کي حل ڪرڻ ۽ شپنگ لين کي بحال ڪرڻ ۾ ايران سان اهم اڳڀرائي ٿي آهي. پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي جاري ڪيل هڪ بيان ۾، صدر ٽرمپ چيو تہ آبنائي هرمز ۾ ايراني بحريہ جي آمريڪي ناڪي بندي ختم ڪئي پئي وڃي. اتي قاتل جهازن ۽ انهن جي عملي کي هاڻي پنهنجن گهرن ڏانهن واپس وڃڻ جي تياري ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو تہ بدلي ۾، ايران يقيني بڻائيندو تہ آبنائي هرمز ۾ سامونڊي ٽرئفڪ جو وهڪرو هموار هجي ۽ اتي ڪو بہ ٽول يا اضافي فيس نہ ورتي ويندي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

صدرِ مملڪت آصف علي زرداري جو مورو جو دورو، چونڊيل نمائندن ۽ معززن سان ملاقات

صوبائي وزيرن، ايم اين ايز ۽ معززين جي موجودگي ۾ صدر زرداري جو مورو پهچڻ تي شاندار آجيان

صدر زرداري پاران ترقياتي ڪمن ۾ تيزي آڻڻ ۽ عوامي مسئلن جي ترجيحي حل جي هدايت

ضياءُ الحسن لنجار پاران صدر آصف علي زرداري جي مورو آمد تي ٿورا ۽ ڀليڪار جو اظهار ڪيو

مورو(نَ ع) صدرِ مملڪت آصف علي زرداري جو مورو جو دورو، چونڊيل نمائندن ۽ معززين سان ملاقات ملاقاتون ڪندڙن ۾ ٻين معززين سان گڏ صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجان جيل خاناجات جو وزير علي حسن

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2



مورو: صدر آصف علي زرداري، ضياءُ الحسن لنجار جي دعوت ۾ اڳواڻن سان ڳالهائي رهيو آهي

پاڪستان گڏيل قومن جي امن مِشن جي جرئت ۽ قربانين کي خراج تحسين پيش ڪري ٿو: اسحاق ڊار

انهن 183 پاڪستاني اهلڪارن کي سلام پيش ڪريون ٿا جن گڏيل قومن جي جهنڊي هيٺيان جانيون جو نذرانو پيش ڪيو

پاڪستان گذريل 6 ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان گڏيل قومن جي امن مشنز لاءِ فوجي جٿا فراهم ڪندڙ اهم ملڪن ۾ شامل رهيو آهي

هن وقت دنيا ۾ 2 لک 70 هزار کان وڌيڪ پاڪستاني امن اهلڪارن سڄي دنيا ۾ گڏيل قومن جي 48 مشنز ۾ شاندار خدمتون ڏئي چڪا آهن

سلامتي ڪائونسل جي موجوده ميمبر جي حيثيت سان پاڪستان پنهنجي حصيدارن سان گڏجي امن مشنز کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪم جاري رکندو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت هڪ منصفاڻي ۽ اڳڪٿي جوڳي ٽيڪس نظام لاءِ پرعزم آهي: وڏو وزير

اسان هڪ اهڙو ٽيڪس نظام چاهيون ٿا جيڪو شفاف، ڪاروبار دوست ۽ پائيدار هجي

آءِ اي پي جهڙن اسٽيڪ هولڊرن پاران تعميري معلومات ايندڙ بجيٽ ۾ معقول ٽيڪس پاليسي جوڙڻ ۾ مدد ڪندي

حڪومت صوبائي ٽيڪس جو تحفظ ڪندي ترقي کي هٿي وٺرائڻ چاهي ٿي: وفد سان ملاقات دوران ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ انشورنس انڊسٽري کي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

واعدو ڪيو هو تہ تيل جون قيمتون گهٽ ڪنداسين، عوامي رليف حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: وزيراعظم

وفاقي حڪومت پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ 22 رپيا في لٽر گهٽتائي جو اعلان ڪري ڇڏيو

پيٽرول اڳهہ ۾ 22 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي، نئون اگهہ 381 رپيا 78 پئسا في ليٽر ٿي ويو، ڊيزل جي اگهہ ۾ بہ 22 رپيا في ليٽر گهٽتائي جو اعلان، نئين قيمت 380 رپيا 78 پئسا في لٽر مقرر

گذريل هفتي بہ عوام کي رليف ڏنو ويو ۽ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وئي هئي، وفاقي حڪومت سخت ترين حالتن ۾ بہ عوام لاءِ رليف جو سلسلو جاري رکيو


پبلڪ/گڏيل ٽرانسپورٽ ۽ موٽرسائيڪل ۽ رڪشا استعمال ڪندڙن فيول تي سبسڊي ڏني، خطي جي ٻين ملڪن ۾ پيٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ قطارون لڳل هيون پر پاڪستان ۾ ايئن نہ هو

وزيراعظم جي وقت سر قدمن عيوض عوام کي پيٽرول ۽ ڊيزل دستياب هو وزيراعظم طرفان 130 روپين کان وڌيڪ سبسڊي ڏئي تيل جي قيمتن ۾ واڌ کي روڪيو ويو ۽ سبسڊي جي مدي ۾ بہ عوام کي رليف ڏنو ويو

عالمي مارڪيٽ ۾ بہ ڪچي تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي، برطانوي ڪچي تيل جي اگهہ ۾ 1.46 ڊالر في بيرل گهٽتائي رڪارڊ، نئون اگهہ 92.25 ڊالر في بيرل ٿي ويو، آمريڪي تيل اگهہ بہ 0.73 سينٽ لاٿ

لاهور (اي پي پي/مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي حڪومت عيد جي ٽئين ڏينهن پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏي. وزيراعظم هائوس پاران جاري ڪيل بيان موجب پيٽرول جي اگهہ ۾ 22 رپيا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي آهي، جنهن کانپوءِ پيٽرول نئون اگهہ 381 رپيا 78 پئسا في ليٽر ٿي ويو آهي. ڊيزل جي اگهہ ۾ بہ 22 رپيا في ليٽر گهٽتائي جو اعلان ڪيو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2



مڪو شريف: هزارين حاجي پاڪ مسجد الحرام ۾ جمعي جي نماز ادا ڪري رهيا آهن

ايندڙ بجيٽ انتهائي مشڪل هوندي، ملازمن جي پگهارن وڌائڻ بابت فيصلو ناهي ٿيو: مراد علي شاهہ

وفاق سان گڏ ويهي ملازمن جي پگهارن بابت فيصلو ڪنداسين تہ سنڌن ڪيترو پگهار وڌائي وڃي

ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جنگ جي ڪري پاڪستان سميت سڄي دنيا اندر مهانگائي وڌي وئي آهي

28 ترميم بابت صرف ميڊيا تي ڳالهيون ٻڌيون آهن، پ پ سان ڪنهن بہ نہ ڳالهايو آهي: پان ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

پان سيد آباد (رپورٽ: محمد اسحاق ميمڻ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو آهي تہ ايندڙ بجيٽ انتهائي مشڪل هوندي، ملازمن جي پگهارن وڌائڻ بابت اڃان فيصلو ناهي ڪيو مگر وفاق

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ايراني صدر مسعود پزشڪيان جو پاڪستان ۽ ملائيشيا جي وزيراعظمن سان ٽيليفونڪ رابطو

پاڪستان ۽ ملائيشيا جي وزيراعظمن سان ٽيليفون تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي: صدر پزشڪيان

رابطي دوران ايران جي سفارتي حڪمت عملي سان وابستگي تي زور ڏنو ويو

رابطي جو مقصد ايران جي پاليسي مسلم ۽ پاڙيسري ملڪن سان هر شعبي ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ آهي

اسلام آباد(م ر د) ايراني صدر مسعود پزشڪيان وزيراعظم شهباز شريف سان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

چئني صوبن کي برابر حق ڏيڻ کانسواءِ ملڪ ترقي نہ ڪندو: محمود اڇڪزئي

ملڪ کي سياسي ۽ انتظامي مسئلن کان ڪڍڻ جو واحد حل 73 جي آئين جي بحالي ۾ آهي

افغانستان کي پاڪستان جي خودمختاري جو احترام ڪرڻو پوندو، اهي هڪ ٻئي لاءِ لازم آهن

چمن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ ۽ پشتونخوا ملي عوامي پارٽي جي سربراهہ محمود خان اڇڪزئي چيو آهي تہ چئني صوبن کي برابر وسائل ۽ اختيار ڏيڻ کانسواءِ ملڪ ترقي نہ

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2



ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ جهيڙن دوران پيءُ پٽ سميت 3 ڄڻا قتل ۽ 2 ڄڻا زخمي

بلديا ٽائون رشيد آباد ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ۾ 40 سالن جو سربلند خان سنڌس نوجوان پٽ طلحا قتل ٿي ويا

شادمان جي علائقي ۾ گولي لڳڻ سبب 39 سالن جو اظهار حسين پٽ انصار حسين قتل ٿي ويو

اورنگي ٽائون ۾ جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 9 سالن جو نينگر شايان ولد ريحان زخمي ٿي پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن الڳ الڳ جهيڙن جي دوران پيءُ ۽ پٽ سميت 3 ڄڻا قتل ۽ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. بلديا ٽائون ٿاڻي جي حد بلديا ٽائون جي علائقي رشيد آباد ۾ مير

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي واٽر سپلاءِ ۽ انفراسٽرڪچر منصوبن ۾ دير برداشت نہ ڪئي ويندي: مراد علي شاهہ

وڏي آبادي کي مؤثر واٽر مينيجمينٽ سسٽم، شفاف حڪمراني ۽ اسٽريٽجڪ منصوبن جي ضرورت آهي

حڪومت سمورن جاري منصوبن جي مقرر مدت ۾ تڪميل يقيني بڻائڻ لاءِ مڪمل تعاون ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي ورلڊ بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر بولورما آنگابازار سان گڏ اجلاس ۾ ڪراچي جي پاڻي جي فراهمي ۽ انفراسٽرڪچر منصوبن تي اڳڀرائي جو جائزو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پي ايس ايڪس ۾ تيزي جو رجحان، انڊيڪس ۾ 2237 پوائنٽس کان وڌيڪ جو اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جي بينچ مارڪ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس ۾ گذريل ڏينهن تيزي جو رجحان ڏٺو ويو جنهن ۾ 2237.52

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سجاڻ ٽرين پاران مبينا اغوا ٿيل سعيد ميمڻ جي بازيابي لاءِ مظاهرو

سياسي سماجي، ادبي ۽ انساني حقن سان لاڳاپيل شخصيتن پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

سعيد ميمڻ سنڌ جي شعور، ادب، محبت، انسان دوستي ۽ رواداري جي علامت آهي، بازياب ڪرايو وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلوچستان جي هٿياربند گروهہ وٽان سعيد احمد ميمڻ جي مبينا اغوا ۽ بازيابي لاءِ سنڌ جي سول سوسائٽي جي نمايان شخصيتن ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي مظاهرو ڪيو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪينيا، چوڪرين جي هاسٽل ۾ باهہ، 15 شاگردياڻيون سڙي اجل جو شڪار

نيروبي (اي پي پي) ڪينيا ۾ طوادي رفت جي علائقي ۾ چوڪرين جي اسڪول هاسٽل ۾ باهہ لڳڻ سبب گهٽ ۾ گهٽ 15

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ سالڊ ويسٽ بورڊ، اڳيمرن ۽ عملي شهر کي صاف رکڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو: سعديہ جاويد

مؤثر انداز ۾ قائم ڪيل شڪايتي سيل پاران شهرين جي شڪايتن جو فوري ازالو ڪيو ويو

الائشون کڻڻ بعد شاهراهن ۽ ڪليڪشن پوائنٽس تي عرق گلاب جو ڇڙڪاءُ ۽ صفائي جو عمل پڻ جاري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديہ جاويد عيدالاضحيٰ صفائي آپريشن مڪمل ٿيڻ تي سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ کي ڀيٽا پيش ڪري چئي سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديہ جاويد چيو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي جو اجلاس 5 جون تي طلب

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري قومي اسيمبلي جو بجيٽ اجلاس ۽ سينيٽ جو اجلاس 5 جون تي طلب ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ڪالهہ ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2



ڪنڊو چاڪر: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ عيد ڏهاڙي ميڊيا سان ڳالهائيندي

آمريڪا ايراني نار اٿارٽي تي پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون

ايراني نار اٿارٽي، ايراني نار ۾ نگراني جي دائري جو نقشو جاري ڪيو هو

گڏيل عرب امارتن جي ام القيوين کي ملائيندڙ لائن تائين پکڙيل آهي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا ايراني نار اٿارٽي تي پابنديون لاڳو ڪري ڇڏيون آهن ميڊيا رپورٽن موجب آمريڪا جي ناڻي واري وزارت جاري ڪيل بيان ۾ ان اداري جي قيام کي پاسدارن انقلاب پاران ايراني

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بندرگاهہ ويجهو کليل سمنڊ ۾ ٻہ جهاز پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويا، جاچ شروع

رات جي وقت ۾ ايم وي نيورا ۽ ايم وي پاپو رچ ۾ حادثاتي طور ٽڪر ٿي پيو

حادثي دوران ايم وي پاپو سان ڪنٽينر سمنڊ ۾ ڪري پيا، ڪبہ جاني نقصان نہ ٿيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بندرگاهہ جي ٻاهر کليل سمنڊ ۾ جهازن جي ٽڪر جو واقعو پيش آيو جنهن ۾ ايم وي نيورا ۽ ايم وي پاپو رچ ۾ ٽڪر ٿيو ڪي پي ٽي جي چيئرمين ريئر ايڊمرل (ر) شاهد احمد موجب

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائنس پاران ڀاڙن ۾ 6 سيڪڙو گهٽتائي جو اعلان

حڪومت طرفان ڊيزل ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ گهٽتائي واري اعلان جي آجيان ڪريون ٿا: شهزاد اعوان

اسان ملڪ جي وسيع تر مفاد خاطر نقصان ۾ بہ گاڏيون هلائي رهيا آهيون، رليف ڏنو وڃي: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽ الائنس جي صدر ملڪ شهزاد اعوان وفاقي حڪومت طرفان ڊيزل ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ گهٽتائي واري اعلان جي آجيان ڪندي چيو آهي تہ پيٽروليم شيز

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2



منيٰ: حاجي سڳورا حج جي ادائگي دوران شيطان کي پٿرين هڻي رهيا آهن

ايران سان اڃا معاهدو ناهي ٿيو، ٻئي ملڪ معاهدي جي ويجهو آهن: آمريڪي نائب صدر

ايران آمريڪا سان معاهدو ڪرڻ چاهي ٿو، آمريڪا ۽ ايران جنگ بندي واري معاهدي ۾ ڪافي اڳڀرائي ٿي آهي

اسان ڪجهہ نقطن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيا آهيون، صدر ڊونلڊ ٽرمپ اڃا معاهدي جي منظوري لاءِ تيار ناهي

آمريڪا ان پوزيشن ۾ آهي تہ تهران جي جوهري پروگرام کي پٺيان ڌڪي سگهي ٿو

واشنگٽن ڊي سي (م ر د) آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس چيو آهي تہ ايران سان اڃا معاهدو ناهي ٿيو ٻئي ملڪن معاهدي جي ويجهو آهن رپورٽ موجب واشنگٽن ۾ صحافين سان ڳالهائيندي آمريڪي نائب

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سرڪاري دوري تي واشنگٽن پهچي ويو

نيويارڪ (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سرڪاري دوري تي واشنگٽن پهچي ويو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

3 مهينا اڳ شروع ڪيل جنگ جي قيمت عوام ادا ڪئي: ظهران ممداني

اهڙي جنگ شروع ڪئي وئي جنهن جي حق ۾ ڪنهن ووٽ نہ ڏنو

ان جنگ جي قيمت ملڪ جو عوام ادا ڪري رهيو آهي

ڪانگريس جي منظوريءَ کانسواءِ جنگ شروع ڪئي وئي

جنگ سبب آمريڪا ۾ پيٽرول ۽ عام واهپي جون شيون مهانگيون ٿي ويون آهن

نيويارڪ سٽي (م ر د) ميئر نيويارڪ سٽي ظهران ممداني ايران آمريڪا جنگ ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو ميئر نيويارڪ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پوليس جنيد اڪبر کي ساٿين سميت حراست ۾ وٺڻ کانپوءِ گلگت بدر ڪري ڇڏيو

جنيد اڪبر کي چونڊ ضابطا اخلاق جي ڀڃڪڙي تي گلگت مان ڪڍيو ويو: گهرو وزير

پي ٽي آءِ جيئرمين بيرسٽر گوهر جنيد اڪبر کي حراست ۾ وٺڻ جي قدم جي مذمت ڪئي

اسلام آباد (م ر د) پوليس پاڪستان تحريڪ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ هٿياربندن هٿان ٻن گهرن مان سوا ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جي ڦرلٽ

عزيز آباد ۾ 6 کان 8 موٽر سائيڪلن تي سوار هٿياربندن گهر ۾ گهڙي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي ورتو

جوابدار گهر جي الماري مان هڪ ڪروڙ 30 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جا سونا زيور ۽ رقم ڪڍي فرار ٿي ويا

لياقت آباد ۾ اٺ جاتل جوابدار خانگي چينل جي رپورٽر جي گهر مان قيمتي زيور، نقدي ۽ ٻيو سامان ڪڍي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عزيز آباد ۽ لياقت آباد سميت شهر جي مختلف علائقن ۾ هٿياربند ڌوهارين ڏينهن ڏٺي جو ٻن گهرن ۾ داخل ٿي لٽ مار ڪئي جڏهن تہ معاشر علائقن ۾ شهرين ۾ سخت خوف ۽

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2



عمرڪوٽ: ڪوئيٽا جي دهشتگرد حملي ۾ زخمي ٿيڻ بعد امرتا ماٿيندڙ سڄڻ ڪمار

عمرڪوٽ: ڪوئيٽا حملي ۾ زخمي پاڪ فوج جو جوان زخمن جا سور نہ سهندي شهيد

ريل گاڏي دهشتگرد حملي ۾ زخمي سڄڻ ڪمار ميگهواڙ ڳوٺ صوفي اڪبر ڏاڏو جو رهواسي هو

شهيد جو لاش اباڻي ڳوٺ پهچڻ تي پاڪ فوج جي گارڊ آف آنر سان آخري رسمن ۾ شرڪت

عمرڪوٽ (نَ ر) ڪوئيٽا ۾ پنج ڏينهن اڳ ريل گاڏي تي دهشتگردن پاران ڪيل اپگهاتي حملي ۾ زخمي ٿيل چور ويجهو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ٽاٽو ٻولا خان لڳ شاندار ادبي ڪچهري مشاعرو ۽ راڳ رنگ جي محفل منعقد

ڪرچات شهر ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪوهستان شاخ پاران عيد جي ٻئي ڏينهن تي تقريب ٿي

ڪوهستان ۾ رٽن جي راڄي خلاف شاعرن مزاحمتي شاعري پيش ڪري ڌرتي کي ڀيٽا پيش ڪئي

ٽاٽو ٻولا خان (نَ ع) ڪوهستان جي شهر ڪرچات ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪوهستان ايٽ ٽاٽو ٻولا خان شاخ پاران عيد جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

شاهراهہ پٽو تي سخت گرمي ۾ ڊيوٽي تي مقرر بزرگ پوليس اهلڪار بيهوش، طبي عملو نہ پهتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهراهہ پٽو تي سخت گرمي هڪ ئي افسوسناڪ حقيقت سامهون آئي ڇڏي ڊيوٽي تي مقرر هڪ بزرگ پوليس اهلڪار گرمي جي شدت

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۾ پيپر مل ۾ ڌماڪو، 8 ڄڻا سڙي فوت، ڪيترائي زخمي

گم ٿيل 9 ملازمن مان 6 جا لاش هٿ ڪيا ويا، وڌيڪ 3 آخري اطلاعن تائين گم

آمريڪي ڪيميڪل سيفٽي اينڊ هيزرڊ انويسٽيگيشن بورڊ پاران واقعي جي جاچ شروع

سان فرانسسڪو (اي پي پي) آمريڪي رياست واشنگٽن ۾ جاپاني ڪمپني جي ملڪيت پيپر مل ۾ ڪيميڪل ٽينڪ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٽارگيٽ فائرنگ سبب پوليس اهلڪارن جي زخمي ٿيڻ جو گهرو وزير نوٽيس ورتو، اسپتال پهچي عيادت پڻ ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار سپر هاءِ وي ويجهو پيش آيل فائرنگ واري واقعي جو سخت نوٽيس ورتي ڇڏيو آهي. گهرو وزير ايس

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان کي اهڙي بجيٽ گهرجي جيڪا عوام ۽ ڪاروبار دوست هجي: معاشي ماهر

ڪراچي ۾ عالمي بحرانن کان قومي پاليسي تائين، پاڪستان جي مالي بجيٽ جي جوڙجڪ بابت تقريب ٿي

پگهاردار طبقي ۽ پيداواري صنعتن تي ٽيڪس گهٽائي نان فائلر ڪلچر کي ختم ڪيو وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) سليم حبيب يونيورسٽي جي سينٽر فار پاليسي ريسرچ اينڊ سسٽينيبلٽي پاڪستان جي پروفيشنل يوٿ فائونڊيشن سان گڏجي هڪ اعليٰ سطح جي پري بجيٽ پينل ڊسڪشن منعقد

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: سليم حبيب يونيورسٽي جي پينل ڊسڪشن ۾ شريڪ مهمانن جو گروپ فوٽو

لاڙڪاڻي ۾ جونيئر ذوالفقار ڀٽو اسپتالن جو دورو ڪري ايڇ آءِ وي ۾ مبتلا مريضن جي عيادت ڪئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي فرزند جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو لاڙڪاڻو شيخ زيد وومين اسپتال ۽ چانڊڪا ٻارن جي اسپتال جو دورو ڪري ايڇ آءِ وي ۾ مبتلا مريضن جي عيادت ڪئي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اوباوڙو پاڻي ڪوٽ خلاف آبادگارن جو سخت گرمي ۾ احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

آبادگارن مير ڪوش ريگوليٽر وٽ ايريگيشن عملدارن خلاف نعريبازي ڪري ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ معطل

ايريگيشن جا عملدار هٿ سان سوني مائينر، دلوارو مائينر رانوتي، ڏب شاخ ڪهڙا ۽ مائينر جا گيٽ بند ڪيا آهن: مظاهرين

سيهڙ واهہ مان لفٽ ميشن ذريعي رشوت عيوض سنڌ جو پاڻي پنجاب کي وڪرو ڪري رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

اوباوڙو (نَ ع) اوباوڙو پاڻي جي ڪوٽ خلاف آبادگارن پاران سخت گرمي ۾ سراپا احتجاج سوني مائينر، دلوارو مائينر، ڌهر واهہ، رانوتي مائينر سميت ٻين مختلف شاخن ۾ پاڻي ڇوڙ نہ ڪرڻ ۽ پاڻي جي ڪوٽ خلاف اڳوڻي صوبائي وزير وزير ب پ ايم پي اي حاجي مهتاب حسين ڏهر جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد ۾ قاضي اسد عابد سان عيدالاضحيٰ جي موقعي تي سياسي سماجي ۽ ادبي حلقن جون ملاقاتون

قاضي هائوس سول لائين ۾ پ پ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن طرفان اڳوڻي ايم اين اي کي عيد جون مبارڪون پيش

پرويز انصاري، قاضي اشهد عباسي، اختر پرڳڙي سميت سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي)

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

واهي پانڌي لڳ ٻي شادي جي اجازت نہ ڏيڻ تي مڙس جو زال تي تشدد، مارڻ جي ڪوشش

ڳوٺ پير بخش لاشاري ۾ جوابدار فهيم برهماڻي پنهنجي گهرواري شهميران مهان سخت تشدد ڪيو ويو

عورت کي زبردستي بيڊري جو پاڻي پيارڻ جي ڪوشش، عورت بيهوش ٿيڻ تي جوابدار فرار ٿي ويو

پاڙي وارن جي اطلاع تي عورت جي پاٽرن پهچي ناري کي تعلقہ اسپتال آڻي طبي امداد بعد سيوهڻ اسپتال نيو ويو

واهي پانڌي (نَ ع) واهي پانڌي ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ پير بخش لاشاري ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي جتي بي شادي ڪرڻ تي مڙس پنهنجي ٻهرين زال تي سخت تشدد ڪيو ۽ ڪيس زبردستي بيڊري جو پاڻي پيارڻ جي ڪوشش ڪئي ڳوٺ پيربخش لاشاري ۾ فهيم

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ٽرمپ، ايران سان معاهدي جو مسودو اسرائيل ۽ اتحادي ملڪن ڏانهن اماڻي ڇڏيو

معاهدي ۾ آبناءِ هرمز ۽ آمريڪي ناڪابندي کولڻ بابت شقون شامل آهن: برطانوي اخبار

مفاهمت جي يادداشت جي نتيجي ۾ ايران کي 12 ارب ڊالرن جي منجمد اثاثن تائين رسائي ڏني ويندي

آبناءِ هرمز کي 30 ڏينهن اندر جنگ کان اڳ واري حالت ۾ بحال ڪرڻ جي تجويز

چين چاهي ٿو تہ معاهدي جي حتمي تصديق گڏيل قومن کان ڪرائي وڃي

واشنگٽن (م ر د) آمريڪي صدر ٽرمپ ايران سان معاهدي جو مسودو اسرائيل سميت اتحادي ملڪن ڏانهن موڪلي ڇڏيو برطانوي اخبار جي رپورٽ موجب معاهدي ۾ آبناءِ هرمز ۽ آمريڪي ناڪابندي کولڻ

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2



حيدرآباد: اڳوڻي ايم اين اي ۽ پيپلز پارٽي جي ٽڪٽ جي اڳواڻ قاضي اسد عابد، قاضي مصطفيٰ اسد عباسي ۽ قاضي اشهد عباسي سان عيد ڏهاڙي پ پ فيڊرل ڪائونسل جو ميمبر پرويز انصاري اختر پيرزادن جاويد ابڙو ۽ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شخصيتون عيد ملي رهيون آهن

ميرپورخاص بورڊ ڪريشن ڪيس، اسڪول جي اڳوڻي ايڊمنسٽريٽر نعيم غوري جا حيرت انگيز انڪشاف

اسڪول مالڪ رئيس احمد خان ۽ اڳوڻي ڪنٽرولر انور عليم خانزادہ ۾ گهري دوستي هئي: نعيم

جنهن جي ڪري اهي پسنديده امتحاني مرڪز قائم ڪندا هئا جتي نقل آساني سان ٿيندي

ميٽرڪ کان انٽر تائين اسڪول جي شاگردن کي اي-1 ۽ اي گريڊ ڏنا ويندا هئا

بورڊ آفيس ۾ سنڌس هڪ ڪينٽين هئي، جتان هر مارڪون وڌائيندو هو

ميرپورخاص (نَ ع) ميرپورخاص تعليمي بورڊ ۾ پسنديده امتحاني مرڪز ڪيٽن قائم ڪيا ويا، انهن کي ڪير قائم ڪندو هو؟ ميٽرڪ ۽ انٽر جا نتيجا تبديل ڪرڻ لاءِ مقرر رقم ڪيتري هئي؟ وڪس اينڊ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

روزاني عبرت

بقايا 1 اعلان

ويو جنهن کانپوءِ ڊيزل جو نئون اگهه 380 رپيا 78 پئسا في ليٽر ٿي ويو آهي. وفاقي حڪومت پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ 22 روپيا گهٽتائي جو فيصلو ڪيو آهي، جڏهن ته وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته عوام کي رليف ڏيڻ سندس پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان ڪالهه جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم شهباز شريف عيد جي ٽئين ڏينهن عوام لاءِ وڏي رليف جو اعلان ڪيو آهي ۽ پيٽرول جي قيمت ۾ 22 روپيا ۽ ڊيزل جي قيمت ۾ به 22 روپيا گهٽتائي جو فيصلو ڪيو ويو آهي بيان موجب وزيراعظم قوم سان واعدو ڪيو هو ته جيئن ئي گنجائش پيدا ٿيندي عوام کي رليف ڏنو ويندو هن واعدي تي جيئن جو تيئن عمل ڪيو ويو. وزيراعظم چيو ته عوام کي رليف ڏيڻ منهنجي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي گذريل هفتي به عوام کي رليف ڏنو ويو ۽ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي ڪئي وئي هئي بيان ۾ چيو ويو ته وفاقي حڪومت سخت ترين حالتن ۾ به عوام لاءِ رليف جو سلسلو جاري رکيو ۽ پبلڪ/گڊز ٽرانسپورٽ ۽ موٽرسائيڪل ۽ رڪشا استعمال ڪندڙن فيول تي سبسڊي ڏني خطي جي ٻين ملڪن ۾ جڏهن پيٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ قطارون لڳل هيون پاڪستان ۾ وزيراعظم جي وقت سر قدمن عيوض عوام کي پيٽرول ۽ ڊيزل دستياب هو جڏهن دنيا ۾ تيل جو بدترين بحران هو ان دوران عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ واڌ باوجود وزيراعظم طرفان 130 روپين کان وڌيڪ سبسڊي ڏئي تيل جي قيمتن ۾ واڌ کي روڪيو ويو ۽ سبسڊي جي مدي ۾ به عوام کي رليف ڏنو ويو. هٿي پاسي عالمي مارڪيٽ ۾ به خام تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي ٿي آهي. برطانوي خام تيل جي اگهه ۾ 1.46 ڊالر في بيرل گهٽتائي ٿي، جنهن کانپوءِ ان جو نئون اگهه 92.25 ڊالر في بيرل ٿي ويو جڏهن ته آمريڪي خام تيل جي اگهه ۾ 0.73 سينٽ گهٽجڻ کانپوءِ 88.17 ڊالر في بيرل ٿي ويو.

بقايا 2 مراد علي شاهه

سان گڏ ويهي ملازمن جي پگهارن بابت فيصلو ڪنداسين ته سنڌ ڪيتري پگهار وڌائي وڃي، ليڪن ملازمن جون پگهارون وڌايون وينديون. هن پنهنجي آباد ويجهو پنهنجي ڳوٺ واهڙ ۾ عيد جي ڏهاڙي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل جنگ جي ڪري دنيا اندر مهانگائي وڌي وئي آهي، پئسن جي ريسورس تمام گهٽ آهي، ترقياتي اسڪيمون پڻ اڌ ۾ رهجي وڃن آهن. اسان جي ڪوشش هوندي ته ايندڙ بجيٽ ۾ غريب عوام تي بار گهٽ وجهون، وڏي وزير چيو ته 28 ترميم بابت صرف ميڊيا تي ڳالهيون هلنديون آهن. ان جي باري ۾ پيپلز پارٽي سان ڪنهن به نه ڳالهايو آهي، نه ئي ترميم جو مسودو سامهون آيو آهي، مگر پيپلز پارٽي جي رضامندي کانسواءِ اسيمبلي مان ڪا به ترميم پاس نه ٿي ڪرائي سگهجي، پڇيل سوال جي جواب ۾ وڏي وزير چيو ته تنڊن ضلعن جي ناهڻ جو مخالف آهيان. ڪوبه نئون ضلعو يا شهر نه پيا ناهيون، هن سان انتظامي طور تيون آفيسون ٺهنديون، سرڪار جا خرچ وڌندا. جنهن ڪري اهڙو ڪوبه ارادو ناهي، وڏي وزير چيو ته آبپاشي کاتو منڇر ڍنڍ جي سڌاري آڻڻ لاءِ منصوبا بندي ڪري رهيو آهي. ان لاءِ ڪوشان آهيان ته منڇر جو اوج واپس اچي، هن کان اڳ وڏو وزير تڪ جي عوام سان عيد مليو ۽ سندن مسئلا معلوم ڪيا. هن موقعي تي علائقي جون سمورين سياسي شخصيتون ۽ ضلعي آفيسر موجود هئا. #

بقايا 3 رابطو

ٽيليفونڪ رابطو ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ايراني صدر پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته هن پاڪستان ۽ ملائيشيا جي وزيراعظمن سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي، جنهن دوران کين عيدالاضحيٰ جون مبارڪون ڏنيون. هن وڌيڪ چيو ته ٻنهي وزيراعظمن سان ڳالهه ٻولهه دوران ايران جي سفارتي حڪمت عملي سان وابستگي تي زور ڏنو ويو. مسعود پزشڪيان پاڪستان جي طرفان معاهدي تائين پهچڻ لاءِ اثرائتي ڪوشش ۽ ٽالثي واري ڪردار کي ساراهيو. هن وڌيڪ چيو ته ايران جي پاليسي مسلم ۽ پاڙيسري ملڪن سان هر شعبي ۾ سهڪار کي هٿي ڏيڻ آهي. ايراني صدر اهو به چيو ته هن ملائيشيا جي انساني همدردي تي ٻڌل مؤقف اختيار ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو.

بقايا 4 محمود اچڪزئي

ڪندو. رپورٽ موجب چمن ۾ گورنمنٽ ماڊل اسڪول گرائونڊ ۾ جلسي کي خطاب ڪندي محمود خان اچڪزئي چيو ته ملڪ کي سياسي ۽ انتظامي مسئلن کان ڪڍڻ جو واحد حل 73 جي آئين جي بحالي ۾ آهي، جونديل پارليامينٽ کي ئي طاقت جو بنياد تسليم ڪرڻو پوندو هن چيو ته افغانستان کي پاڪستان جي خودمختياريءَ جو احترام ڪرڻو پوندو، پاڪستان ۽ افغانستان هڪ ٻئي لاءِ لازم آهن، جنگ ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي، ڳالهيون ئي خطي ۾ امن ۽ ترقي جي ضمانت بڻجي سگهن ٿيون. محمود اچڪزئي چيو ته سرحدي علائقن ۾ ٽريڊ فري زون قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي، قبيلن کي معاشي مستحڪم ڪرڻ لاءِ ٽيڪس ۾ رعايت جي ضرورت آهي. سندس وڌيڪ چوڻ آهي ته پاڪستان ۾ سمورين قومن کي برابر حق ڏيڻ جي ضرورت آهي ۽ چئني صوبن کي برابر وسيلن ۽ اختيارن ڏيڻ کانسواءِ ملڪ ترقي نه ڪندو.

بقايا 5 آڳواٽي جو اعلان

ٽرمپ دعويٰ ڪئي ته آمريڪي بارودي سرنگون اڳ ۾ ئي آبنائي هرمز ۾ رکيل ڪيٽريون ئي بحري بارودي سرنگون تباهه ڪري چڪيون آهن. جڏهن ته ايران فوري طور تي باقي بارودي سرنگون هٽائي يا تباهه ڪندو، صدر ٽرمپ وڌيڪ چيو ته آمريڪا، چين، ايران ۽ بين الاقوامي ايٽمي توانائي ايجنسي (IAEA) جي تعاون سان، هن ايٽمي مٽي کي زمين تان هٽايو ويندو ۽ مڪمل طور تي تباهه ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته ايندڙ اطلاع تائين ايران سان ڪو به مالي معاملو نه هوندو پر ايران سان ٻين گهڻ اهم معاملن تي اتفاق ڪيو ويو آهي، ٽرمپ جي مطابق، هو هن معاملي تي آخري فيصلو ڪرڻ لاءِ وائيٽ هائوس جي صورتحال روم ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندو، صدر ٽرمپ چيو ته ايران کي اهو متفق ٿيڻ گهرجي ته هو ڪڏهن به ايٽمي هٿيار يا ايٽمي بم حاصل نه ڪندو هن وڌيڪ چيو ته هو هن معاملي تي آخري فيصلو ڪرڻ لاءِ وائيٽ هائوس جي صورتحال روم ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندو.

بقايا 6 ملاقاتون

زرداري، ، ايم اين اي ذوالفقار علي ٻهڻ، محمد عثمان عالماڻي، ڊاڪٽر بهادر ڏاهري، سردار خان محمد ڏاهري ۽ سهيل انور سيال شامل هئا. صدر مملڪت آصف علي زرداري چونڊيل نمائندن کي ترقياتي ڪمن ۾ تيزي آڻڻ ۽ عوامي خدمت جاري رکڻ جي هدايت ڪئي، صدر آصف علي زرداري چيو ته عوام جي بنيادي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي صدر آصف علي زرداري چيو ته وطن

جي ترقي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ چونڊيل نمائندن کي پنهنجون ذميواريون مؤثر نموني سان ادا ڪرڻيون پونديون صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجار پاران صدر مملڪت آصف علي زرداري جي مورو آمد تي ٿورا ۽ ڀليڪار جو اظهار ڪيو.

بقايا 7 اسحاق ڊار

آهي ته پاڪستان عالمي برادري سان گڏجي عالمي امن ۽ سلامتي جي قيام لاءِ خدمتون انجام ڏيندڙ گڏيل قومن جي امن جتن جي جرئت، لگن ۽ قربانين کي خراج تحسين پيش ڪري ٿو. گڏيل قومن جي امن جتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ڪالهه پرڏيهي آفيس مان جاري بيان ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته اسان انهن 183 پاڪستاني اهلڪارن کي به سلام پيش ڪريون ٿا جن گڏيل قومن جي جهنڊي هيٺيان فرض سرانجام ڏيڻ دوران پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪيو. سينيٽر اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان گذريل 6 ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان گڏيل قومن جي امن مشنز لاءِ فوجي جتا فراهم ڪندڙ اهم ملڪن ۾ شامل رهيو آهي هن وقت تائين 2 لک 70 هزار کان وڌيڪ پاڪستاني امن اهلڪارن سڄي دنيا ۾ گڏيل قومن جي 48 مشنز ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن. سندن پيشيوراڻي صلاحيتن، نظم ۽ ضبط ۽ عزم، گهڻ رخي نظام ۽ گڏيل قومن جي منشور جي مقصدن ۽ اصولن تي پاڪستان جي پختي يقين جي عڪاسي ڪن ٿا. گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ پنهنجي وسيع تجربي کي ٻين تائين منتقل ڪرڻ لاءِ پاڪستان "سينٽر فار انٽرنيشنل پيس اينڊ اسٽيبلٽي" قائم ڪيو ويو آهي، جنهن 50 کان وڌيڪ دوست ملڪن جي آفيسرن کي گڏيل قومن جي امن مشنز بابت پيشيوراڻي تربيت فراهم ڪئي آهي، نائب وزيراعظم چيو ته پاڪستان گڏيل قومن جي قديم ترين امن مشنز مان هڪ "گڏيل قومن جي پاڪستان ۽ ڀارت بابت فوجي مبصر گروپ" جي ميزباني به ڪري رهيو آهي خطي ۾ تازي اڀرائي ان مشن جي مسلسل اهميت کي اجاگر ڪري ٿي ۽ ان ڳالهه کي سگهه ڏئي ٿي ته جمون ڪشمير تڪرار جو پرامن حل لاڳاپيل گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي امنگن موجب هجڻ گهرجي. هن چيو ته هن سال هي ڏينهن هڪ اهڙي وقت ۾ ملهايو پيو وڃي جڏهن گڏيل قومن جي امن مشنز کي غير معمولي چئلينجز درپيش آهن. هي مشنز نهايت پيچيده سياسي ۽ سيڪيورٽي ماحول ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، جڏهن ته ڪين شديد مالي ۽ عملي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، انهن چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ٺوس سياسي حمايت، مناسب ۽ پروسي جوڳا وسيلا ۽ زميني حقيقتن سان هم آهنگ عملي مينڊيٽس اٽتر آهن ته جيئن انهن کي محفوظ ۽ موثر طريقي سان ممڪن بڻائي سگهجي. سينيٽر اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان جو مڃڻ آهي ته امن مشنز ۾ سڌارا ضروري آهن ۽ هي سڌارا امن مشنز کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ هجڻ گهرجن. امن مشنز کي وڌيڪ چشت، بهتر ۽ وسيلن سان تيار جديد ٽيڪنالاجي سان ليس ۽ زميني حقيقتن کان وڌيڪ هم آهنگ ٿيڻ گهرجي، امن محافظن خلاف ڏوهن ۾ ملوث ڏرين کي سزا کان بچڻ نه ڏيڻ ته رڳو متاثرن ۽ سندن خاندانن لاءِ انصاف جي فراهمي لاءِ ضروري آهي پر مستقبل ۾ به اهڙن حملن جي روڪٿام ۽ گڏيل قومن جي جهنڊي هيٺ خدمتون سرانجام ڏيندڙن جي تحفظ لاءِ به اهم آهي پاڪستان پنهنجي عورت امن جتن جي خدمتن تي به فخر ڪري ٿو جيڪي جنهن مختلف مشنز ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ گڏيل قومن جي امن مشنز جي موثريت، ساک ۽ شموليت کي وڌيڪ مضبوط بڻايو آهي پاڪستان امن مشنز ۾ عورتن جي بامعنيٰ شرڪت، خاص ڪري عملي ۽ قائداڻي ڪردار کي وڌيڪ وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي موجوده ميمبر جي حيثيت سان پاڪستان پنهنجي حصيدارن سان گڏجي امن مشنز کي مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪم جاري رکندو جنهن ۾ مينڊيٽس جي بهتر جوڙجڪ، امن محافظن جي سلامتي ۽ تحفظ، احتساب کي هٿي وٺرائڻ ۽ پائيدار مالي وسيلن جي فراهمي شامل آهي نائب وزيراعظم چيو ته هن ڏينهن پاڪستان گڏيل قومن جي امن مشنز لاءِ پنهنجي پختي عزم کي ورجائي ٿو جيڪو عالمي امن ۽ سلامتي جي قيام لاءِ سڀ کان موثر نمايان ۽ عملي ذريعن مان هڪ آهي. اسان سڄي دنيا ۾ خدمتون انجام ڏيندڙ سمورن امن اهلڪارن سان يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا ۽ امن جي قيام جي مقصد لاءِ پنهنجون خدمتون جاري رکڻ لاءِ پرعزم آهيون.

بقايا 8 وڏو وزير

يقين ڏياريو آهي ته سنڌ حڪومت هڪ منصفاڻي ۽ اڳڪٿي جوڳي ٽيڪس نظام لاءِ پرعزم آهي. هن سنڌ ريونيو بورڊ (ايس آر بي) لاءِ سروسز تي سيلز ٽيڪس (ايس ايس ٽي) بابت جامع بجيٽ تجويزن جو جائزو وٺڻ لاءِ انشورنس ايسوسيئيشن آف پاڪستان (آئي اي پي) جي هڪ وفد سان ملاقات ڪئي، وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل هن اجلاس ۾ آئي اي پي جي چيئرمين شعيب جاويد، آئي اي پي ميمبرن جاويد حسين ۽ نديم احمد، آئي اي پي جي ٽيڪس ڪميٽي جي چيئرمين عمر فاروق، مالي مشير امجد اشفاق تولا ۽ انڊسٽري جي ٻين سينيئر نمائندن شرڪت ڪئي حڪومتي پاران وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف، ايس آر بي جي چيئرمين واصف ميمڻ ۽ ٻين سينيئر عملدارن وڏي وزير جي مدد ڪئي. آئي اي پي جي وفد صوبائي بجيٽ 27—2026 لاءِ لائف ۽ هيلٿ انشورنس تي سنڌ سيلز ٽيڪس بابت تفصيلي تجويزون پيش ڪيون، جن جو محور دستاويز سازي جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۽ انشورنس جي دائري کي وسيع ڪرڻ هو مراد علي شاهه چيو ته صوبو صوبائي ٽيڪس جو تحفظ ڪندي ترقي کي هٿي وٺرائڻ چاهي ٿو وڏي وزير جو حوالو ڏيندي چيو ويو اسان هڪ اهڙو ٽيڪس نظام چاهيون ٿا جيڪو شفاف، ڪاروبار دوست ۽ پائيدار هجي جيڪڏهن انشورنس جو شعبو ترقي ڪندو ته اسان جي ماڻهن کي بهتر تحفظ ملندو ۽ حڪومت هڪ مضبوط، دستاويزي معيشت مان فائدو حاصل ڪندي، اسان قانون جي دائري ۾ رهندي توهان جي تجويزن جو غور سان جائزو وٺنداسين. هن ايس آر بي جي ٽيم کي انڊسٽري سان مسلسل رابطي ۾ رهڻ جي هدايت پڻ ڪئي. آئي اي پي جي جهڙن اسٽيڪ هولڊرن پاران تعميري معلومات اسان کي ايندڙ بجيٽ ۾ وڌيڪ معقول ٽيڪس پاليسي جوڙڻ ۾ مدد ڪندي. آئي اي پي جي چيئرمين شعيب جاويد انڊسٽري سان مشاورت لاءِ حڪومت جي آمادگي کي ڀليڪار ڪيو. هن چيو انشورنس جو شعبو ريونيو پيدا ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي، پر اسان کي ٽيڪس جي معاملي ۾ وضاحت ۽ تسلسل جي ضرورت آهي، خاص طور تي لائف ۽ هيلٿ پروڊڪٽس لاءِ جيڪي لازمي مالي تحفظ فراهم ڪن ٿيون. هن ان ڳالهه جي نشاندهي ڪئي ته وڌيڪ يا غير مستقل ٽيڪسيشن ماڻهن ۽ ڪاروبارن کي ڪوريج حاصل ڪرڻ کان روڪي سگهي ٿي. جاويد وڌيڪ چيو

جيڪڏهن اسان ٽيڪس نظام کي بين الاقوامي بهترين طريقن جي مطابق بڻائي سگهون، ته ان سان انشورنس جي دائري کي وڌائڻ، طويل المدتي بچتن کي هٿي وٺرائڻ ۽ آخرڪار صوبي لاءِ وڌيڪ مستحڪم ريونيو پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملندي، آئي اي پي جي ٽيڪس ڪميٽي جي چيئرمين عمر فاروق چيو ته ايسوسيئيشن جي تجويزن جو مقصد تعميل (ڪمپلائنس) کي آسان بڻائڻ آهي هن چيو اسان جون سفارشون ابهام کي گهٽ ڪرڻ، ڪاروبار ڪرڻ جي لاڳت کي گهٽائڻ ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ تيار ڪيون ويون آهن ته ٽيڪس مالي شموليت جي راهه ۾ رڪاوٽ نه بڻجن. اسان وڏي وزير ۽ ايس آر بي جا شڪرگذار آهيون جو هنن اسان جي خدشن کي تفصيل سان ٻڌو. شرڪت ڪندڙن موجب آئي اي پي پاران پيش ڪيل تجويز تي تفصيلي گفتگو ٿي، جنهن ۾ ٻنهي ڌرين پاران ممڪن تبديلين جي قانوني ۽ مالي اثرن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته ايس آر بي جي ٽيم ۽ آئي اي پي جي وچ ۾ جلد ئي هڪ ٻيو اجلاس منعقد ڪيو ويندو ته جيئن تفصيلن کي حتمي شڪل ڏئي سگهجي ۽ ايندڙ بجيٽ لاءِ گڏيل طور تي قابل قبول فريم ورڪ جي طرف ڪم ڪري سگهجي.

بقايا 9 زخمي

عالم روڊ تي گلزار حبيب روڊ تي ٻن ڌرين جي وچ ۾ جهيڙي جي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ پيءُ ۽ پٽ قتل ٿي ويا ۽ هڪ ڄڻو پڻ زخمي ٿي پيا. پوليس موجب پاڙيسرين جي وچ ۾ جهيڙي جي دوران هٿيارن جو استعمال ڪيو ويو. ريسڪيو اختيارن موجب فائرنگ فائرنگ جي واقعي ۾ مقتولن جا لاش ۽ زخمي شخص کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته قتل ٿي ويل ماڻهن جي لاشن جي سڃاڻپ 40 سالن جي سربلند خان ولد فريد خان ۽ 18 سالن جي طلحا پٽ سربلند خان طور ٿي آهي. پوليس موجب واقعي جون شاهدين گڏ ڪري واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني آهي. ٻئي پاسي شادمان نمبر 2 ويجهو شادمان مسجد جي لڳ گولي لڳڻ جي نتيجي ۾ 39 سالن جو اظهار حسين پٽ انصار حسين قتل ٿي ويو آهي. لاڳاپيل پوليس جي شروعاتي بيان جي مطابق واقعو ذاتي دشمني جو نتيجو لڳي رهيو آهي، مقتول جا 2 موبائل فون، پرس محفوظ آهن. مقتول اظهار حسين پنهنجي مائٽن وٽ ملڻ آيو هو هلندڙ موٽرسائيڪل تان جوابدارن پر ۾ ئي مقتول کي 2 گوليون لڳيون آهن جيڪي جيلهه ۾ لڳيون آهن. اکين ڏٺي شاهدن کان به معلومات حاصل ڪئي پئي وڃي. پاڪستان بازار ٿاڻي جي حد اورنگي ٽائون گلشن بيهار نوراني مسجد لڳ جهيڙي جي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 9 سالن جو ٽينگر شايان ولد ريحان زخمي ٿي پيو آهي.

بقايا 10 اضافو

پوائنٽس جو اضافو ٿيو جيڪو 1.30 سيڪڙو جي مثبت تبديلي سان 173962.82 پوائنٽس تي بند ٿيو جڏهن ته گذريل ڪاروباري ڏينهن جي اتگن اڪرن موجب انڊيڪس 171,725.29 پوائنٽس تي بند ٿيو. سيشن دوران ريڊي مارڪيٽ 40.877 بلين روپين جي ٽريڊنگ ويليو سان 555.063 ملين شيئرز جو واپاري ماپو رڪارڊ ڪيو جڏهن ته گذريل سيشن ۾ 31.146 بلين روپين جي ماليت جا 506.355 ملين شيئرز رڪارڊ ڪيا ويا. مارڪيٽ ڪيپيٽلائزيشن به 18.989 ٽريلين روپين کان وڌي 19.166 ٽريلين روپيا ٿي وئي ريڊي مارڪيٽ ۾ 490 فعال ڪمپنين مان 298 ۾ اضافو 161 ۾ گهٽتائي ۽ 31 ۾ ڪا به تبديلي نه ٿي. ٽي آر جي پاڪ لميٽيڊ 34.194 ملين شيئرز سان واليم چارٽ ۾ سر فهرست رهيو.

بقايا 11 اجل جو شڪار

شاگرديائيون سڙي فوت ٿي ويون.ميڊيا رپورٽن موجب اتميشتي گرلز اڪيڊمي سينٽر اسڪول جي هاسٽل ۾ باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ ڪيتريون ئي شاگرديائيون سڙي زخمي پڻ ٿيون آهن. باهه لڳڻ جو سبب هن وقت تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

بقايا 12 اجلاس طلب

موجب صدر مملڪت قومي اسيمبلي جو بجيٽ اجلاس 5 جون شام 5 وڳي ۽ سينيٽ جو اجلاس 5 جون شام 6 وڳي طلب ڪرڻ جي منظوري ڏئي چڏي آهي.

بقايا 13 مراد علي شاهه

وٺندي چيو آهي ته شهر جي وڌندڙ آبادي مؤثر طرز حڪمراني ۽ اسٽريٽجڪ منصوبن جي وقت تي تڪميل جي متقاضي آهي. اجلاس ۾ ڪراچي واٽر سپلائي ۽ انفرااسٽرڪچر منصوبن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو جن ۾ ڪي فور آگمينٽيشن، واٽر ميٽرنگ، ڪچي آبادين ۾ شهري ترقياتي ڪم ۽ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (ڪي ڊبليو اينڊ ايس سي) ۾ اداري جاتي اصلاحات شامل آهن. مراد علي شاهه چيو ته ڪراچي جي وڌندڙ آبادي کي مؤثر واٽر مينيجمينٽ سسٽمز شفاف حڪمراني ۽ اسٽريٽجڪ منصوبن جي وقت تي تڪميل جي ضرورت آهي. حڪومت سنڌ تمام جاري منصوبن جي مقرر مدت ۾ تڪميل يقيني بڻائڻ لاءِ مڪمل تعاون فراهم ڪندي. اجلاس ۾ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج سروسز امپروومينٽ پروجيڪٽ (ڪي ڊبليو ايس ايس آئي پي) جي تحت عملدرآمد جي شيڊول، فنڊنگ ضرورتن، خريداري جي عمل ۽ جاري سول ورڪ جو جائزو ورتو ويو. وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد اجلاس ۾ وزير بلديات ناصر شاهه، وزير رٿابندي و ترقيات جام خان شورو، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف ۽ چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه شريڪ ٿيا. ورلڊ بينڪ جي وفد ۾ مينيجر آپريشنز گيليئس جي ڊراگيلم، ريجنل پريڪٽس ڊائريڪٽر ميسڪي برهاني ۽ سينيئر واٽر اسپيشلسٽ تزيانا اسمتر شامل هيون. ان موقعي تي وڏي وزير چيو ته حڪومت سنڌ ڪراچي جي واٽر سپلائي نيٽ ورڪ جي بهتري، پاڻي جي ضايع ٿيڻ ۾ ڪمي ۽ جديد ۽ پائيدار شهري آبي انفرااسٽرڪچر جي فراهمي لاءِ پرعزم آهي. انهن چيو ته ڪراچي جي وڌندڙ آبادي مؤثر واٽر مينيجمينٽ سسٽمز شفاف گورننس ۽ اسٽريٽجڪ منصوبن جي وقت تي تڪميل جي متقاضي آهي. حڪومت سنڌ تمام جاري منصوبن جي مقرر مدت ۾ تڪميل يقيني بڻائڻ لاءِ ڀرپور تعاون ڪندي. وڏي وزير ۽ ورلڊ بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر منصوبن جي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو وٺڻ ۽ رڪاوٽن کي دور ڪرڻ لاءِ هر پندرهن ڏينهن بعد جائزو اجلاس منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تاڪه منصوبا وقت تي مڪمل ٿي سگهن. وزير بلديات ناصر شاهه اجلاس کي ٻڌايو ته 4 هزار 333 صارفين جي ميٽرن جي تنصيب جو منصوبو حتمي شڪل ڏنو ويو آهي ۽ چند ڏينهن ۾ ورلڊ بينڪ کي ارسال ڪيو ويندو. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته متفق شيڊول جي مطابق جون 2027 تائين تمام صارفين جا ميٽر نصب ڪيا ويندا. ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب ورلڊ بينڪ ٽيم کي ٻڌايو ته سسٽم ميٽرن لاءِ درڪار 212 چيمبرن مان 150 تعمير ڪيا ويا آهن جڏهن ته باقي چيمبرن جي جڳهن جي نشاندهي تان

[illegible]

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سماج ۾ قدرن جي اڻاٺ ڇو آهي؟
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
حڪمتِ عمليءَ هر قل جي ڪاميابيءَ جو سبب بڻي!
صفحو 4

ميڪ بفيلو گريٽ اگين: صدارتي معافي وارو ڏڪو!
راجا زاهد اختر
صفحو 4

مختيار انڙ
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن .... 30 مئي

سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، ان کي ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي، پهرين خواب ڏسڻ: نويد قمر

ايم ڪيو ايم پنهنجي غلط سوچ سان سنڌ صوبي کي تقسيم ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهي آهي

صوبن کي اين ايف سي ايوارڊ جي تحت پنهنجا سمورا حق ڏيڻ وفاقي حڪومت جي اولين ذميواري آهي

ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي ڪري عوام پريشان آهي، ڪيترائي پيرا پيپلز پارٽي اسيمبلي فلور تي وڌندڙ مهانگائي تي آواز اٿاريو آهي

ٽنڊو محمد خان(ع ر) سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، ان کي ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي هڪ وڏي پارٽي آهي جنهن سان عوام گڏ آهي اهڙو اظهار پ پ جي اڳواڻ وفاقي وزير ايم اين اي سيد نويد قمر ٽنڊو محمد خان ۾ سنلس رهائش گاهه تي عوام سان عيد ملڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو ان چيو ته ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي ڪري عوام پريشان آهي مهانگائي تي حڪومت کي ڪنٽرول ڪرڻ گهرجي ڪيترائي پيرا پيپلز پارٽي اسيمبلي فلور تي وڌندڙ مهانگائي تي آواز اٿاريو آهي هن چيو ته آمريڪا ايران جي ڪيل ڳالهين تي پاڪستان پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ايندڙ بجيٽ ۾ پيپلز پارٽي جي ڪوشش هوندي ته عوامي بجيٽ پيش ٿئي ۽ ملڪ جي عوام کي رليف ملي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ اندر نفرتن جي سياست نٿي ڪري سنڌ پاڪستان جو اهم صوبو آهي پيپلز پارٽي ملڪ ۾ پر امن عوامي سياست جي حامي آهي دهشتگردي جي مذمت ڪريون ٿا هن چيو ته صوبي کي وفاق جي حوالي ڪرڻ واري ڪنهن به مشابهت رکڻ جي قانون کي تسليم نه ڪيو ويندو صوبن کي اين ايف سي ايوارڊ جي تحت پنهنجا سمورا حق ڏيڻ وفاقي حڪومت جي ذميواري آهي هن چيو ته سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم پنهنجي غلط سوچ سان صوبي کي تقسيم ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهي آهي ايم ڪيو ايم کي سنڌ تقسيم ڪرڻ لاءِ مطالبو ڪرڻ جو ڪو به قانوني حق حاصل نه آهي



ٽنڊو محمد خان: وفاقي وزير ايم اين اي سيد نويد قمر ٽنڊو محمد خان ۾ سنلس رهائش گاهه تي عوام سان عيد ملڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي

سڪرنڊ ۾ سردار جام فيروز انڙ جي مان ۾ عيد ملن پارٽي

موجوده دور ڪمرشل، ڪميشن ۽ مفادن وارو پيو هلي: سردار جام فيروز انڙ

صرف دوستن سان وفاداريون نڀائيندا اچون ٿا، چاڪاڻ جو منافقن جو دور هلي رهيو آهي

سڪرنڊ (ن ع) سينيئر سياستدان ۽ سماج جي متحرڪ ڪردار سردار جام فيروز انڙ جي مان ۾ ڊاڪٽر علي حسن لاشاري ۽ حبيب الله لاشاري پاران عيد ملن پارٽي جي سلسلي ۾ شاندار اجتماع جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي قدآور شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي سردار جام فيروز انڙ صدارتي خطاب ڪندي چيو ته سڀ کان پهرين ته مهرباني ڊاڪٽر علي حسن لاشاري ۽ حبيب الله لاشاري جي جن مان ڏئي محبتي ماڻهن سان ملاقات جو موقعو فراهم ڪيو هن چيو ته موجوده دور ڪمرشل ڪميشن ۽ مفادن وارو پيو هلي سياسي پاسا به اهڙن ئي آهن ان ڪري ڪجهه پاسيرا ٿي ڪري صرف دوستن سان وفاداريون نڀائيندا اچون ٿا چاڪاڻ جو منافقن جو دور هلي رهيو آهي جنهن ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي پر اسان جون محبتون ياريون ۽ ڪچهريون مولا علي عليه السلام جي چاهيندڙن سان آهي هن وڌيڪ چيو ته اڄ جن دوستن پڪا پارائي عزتون بخشيون آهن ان شاه الله ان جو پرم رکنداسين چاڪاڻ جو علي سائين جا حبدار آهيون ان ڪري جهڙن سان به هوندا آهيون سچا ۽ کرا هوندا آهيون ۽ اهو ارادو آهي ته وفادار دوستن سان جيسين سسئيءَ ۾ ساهه آهي نڀائيندا سين سردار جام فيروز انڙ اهو پڻ چيو ته ايم آر ڊي تحريڪ دوران 14 ايف آئي آرون داخل ٿيون معافي لاءِ چيو ويو پر پوئتي نه هٽياسين جيل جون سختيون سليوسين پر بزدل نه ٿياسين هن وڌيڪ ته پيپلز پارٽي جا نظرياتي ڪارڪن آهيون پر افسوس جو پارٽي اها نه رهي آهي جيڪا شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو واري پارٽي هئي نوان چهرن ۽ نوان ڪوالا سامهون آيا آهن پراسرار حسيني فڪر جا پوئلڳ آهيون ان ڪري فرق گهرڻ اسان سکيو ئي ناهي افسوس ٿيندو آهي جڏهن قاضي احمد شهر جو سماج سڌارڪ جهونو جيالو حاجي خان لاڪو ڪي ۽ سائيڊ تي ڪيو وڃي بهرحال ڪجهه وقت خاموشي ڪانپوءِ بيهر دوستن يارن جي اسرار تي ميل ملاقاتون ۽ ڪچهريون شروع ڪيون آهن ان کان اڳ ڊاڪٽر علي حسن لاشاري آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو جنهن بعد سردار جام فيروز انڙ ۽ سنڌس فرزند جام نوروز انڙ کي بوسڪي جا پٽڪا پارايا ويا عيد ملن پارٽي ۾ جن شخصيتن شرڪت ڪئي انهن ۾ شهري اتحاد جو سرپرست نياز لاشاري، سڪرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح، غلام مصطفيٰ زرداري، سينيئر صحافي بشير لاشاري، قاضي جاويد سنائي، ڊاڪٽر شبير چانڊيو، حاجي خان لاڪو، اصغر لاشاري، ڊاڪٽر نعمت آرائين، ايڊووڪيٽ امتياز چانڊيو، عبدالحميد انڙ، مير صدام ۽ ٻيا شامل هئا جن کي ڪمپيئر نياڻي انيتا شاهه لڪياري ترتيبوار اسٽيج تي گهرائي ويچار ورتا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته سردار جام فيروز انڙ اهو ڪردار آهي جنهن جا ڪئي پاسا آهن جيڪي سڀ جا سڀ پاسا سگهارا آهن پروگرام دوران ساگر نياز لاشاري ۽ نوجوان لڪياري قومي شاعري پيش ڪري سردار جام فيروز کي پيدا پيش ڪئي پروگرام دوران ميزبان حبيب الله لاشاري آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو جڏهن ته پروگرام ۾ شريڪ مهمانن کي لنگين جا تحفا پيش ڪيا ويا جنهن بعد سمورن مهمانن جي سنڌي کاڌن سان شاندار مهمان نوازي ڪئي وئي



سڪرنڊ ۾ سردار جام فيروز انڙ جي مان ۾ عيد ملن پارٽي جو ٽيڪ

سيلارجا مان مبينا طور تي اغوا ٿيل 15 سالا نينگري آصفه بازياب نه ٿي سگهي، احتجاج جاري

آصفه ڏيءِ فوجي ارشد مغل هڪ سئو ڏينهن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود بازياب نه ٿيڻ ڪري وارث مايوس

نينگري جي والد فوجي ارشد مغل سميت سياسي سماجي ۽ سول سوسائٽي جي ڪارڪنن پاران عيد ڏهاڙي به احتجاج ڪيو ويو

اسان جي نياڻي کي سيلارجا پوليس بازياب ڪرائڻ جي لاءِ ڪي به خاطر خواهه اپاءُ ناهن ورتا، فڪر ڏڙپائي رهيو آهي: والد

سيلارجا(ن ع) سيلارجا شهر جي محلا حسين آباد جي علائقي اقصيٰ مسجد واري گهٽي مان مبينا طور تي اغوا ٿيل 15 سالا نينگري آصفه ڏيءِ فوجي ارشد مغل هڪ سئو ڏينهن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهي، سيلارجا پوليس نينگري جو پتو لڳائڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي جڏهن ته نينگري جي بازيابي لاءِ سنڌس وارثن ۽ جسقم آريسر جي ضلعي نائب صدر ڊاڪٽر نذير احمد ڪوڪ نينگري جي والد فوجي ارشد مغل سميت سياسي سماجي ۽ سول سوسائٽي جي ڪارڪنن پاران عيد الاضحيٰ واري ڏينهن کان راڄپير پيٽرول پمپ تي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي آهي جيڪا ٻئي ڏينهن به جاري رهي ان حوالي سان ڊاڪٽر نظيراحمد ڪوڪر ۽ نينگري جي والد فوجي محمد ارشد مغل صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي نياڻي کي سيلارجا پوليس بازياب ڪرائڻ جي لاءِ ڪي به خاطر خواهه اپاءُ ناهن ورتا اسان جي نياڻي ڪهڙي حال هوندي اسان کي ان جو فڪر ڏڙپائي رهيو آهي اسان جي گهر مان خوشيون موڪلائي ويون آهن نياڻي جي جدائي اسان جو جيءُ جهوري رهي آهي هن چيو ته هاڻي به اسان عيد واري ڏينهن کان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي آهي ۽ ڪئمپ تيستائين جاري رهندي جيستائين اسان جي نياڻي بازياب ٿي گهر نه ٿي پهچي



سيلارجا اغوا ٿيل 15 سالا نينگري آصفه جي بازيابي احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري


اسلام آباد (اي پي پي)واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن گذريل ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو معانهون وهڪرو 66 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 70 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو معانهون وهڪرو 41 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 41 هزار 200 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو معانهون وهڪرو 11 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 11 هزار 800 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو معانهون وهڪرو 48 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 34 هزار ڪيوسڪ، چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو معانهون وهڪرو 24 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 16 هزار 300 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو بئراجن جي صورتحال موجب گدو بئراج وٽ پاڻي جو معانهون وهڪرو 54 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 53 هزار 600 ڪيوسڪ، سکر بئراج وٽ پاڻي جو معانهون وهڪرو 46 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 13 هزار 700 ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج وٽ پاڻي جو معانهون وهڪرو 10 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو ٻڙي ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي صورتحال مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1452.52 فوٽ ۽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ، استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.093 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1162.00 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.204 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 644.00 فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.112 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو آهي

شڪارپور شهر جي خان چند آباد محلي جو رهواسي جو احتجاج

سئوٽ مير هزار کوسو ۽ نذير کوسو پنهنجي برادري جي چوڪري ڪئي ويا آهن: صالح کوسو

دشمني سبب ڇوڪري کان بيان ڏيارين ٿا ته ڇوڪري کي مون مان جان جو خطرو آهي

شڪارپور(ذ ر) شڪارپور شهر جي خان چند آباد محلي جو رهواسي پوڙهيٽ محمد صالح کوسو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو ته منهنجا سئوٽ مير هزار کوسو ۽ نذير کوسو پنهنجي برادري جي چوڪري ڪئي ويا آهن ۽ دشمني سبب ڇوڪري کان بيان ڏيارين ٿا ته ڇوڪري کي مون مان جان جو خطرو آهي هن چيو ته منهنجو ننهن سان واسطو ناهي ڪو دشمني ڪري مونکي ڦاسائڻ چاهي ٿو هن ڏانهيندي چيو ته منهنجا سئوٽ مونکي ڦاسائي واڪي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ڇوڪري کي پسند جي پرڻو ڪندڙ ناري کان منهنجي خلاف بيان ڏيارايو ويو آهي ته مونکي صالح کوسو مان جان جو خطرو آهي مان هلڻ ڦرڻ جهڙو ناهيان نه ٿي ڪنن کان گهٽو ٻڌي سگهان ٿو شهر ۾ هڪ دڪان تي ڏهاڙيدار مزدور آهيان مون کي برو پرو ڦاسائڻ چاهين ٿا هن ڏانهيندي وڌيڪ چيو ته ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب پٺاڻ ايس ايس پي ڪليم ملڪ سيشن جج شڪارپور کي اپيل ٿو ڪيان ته مون غريب کي تحفظ ڏئي ڪوڙن ڪيسن مان بچايو وڃي ۽ مون مٿان الزام لڳائيندڙ ناري خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي وڃي



شڪارپور: متاثر محمد صالح کوسو احتجاج ڪندي

ٿرپارڪر ضلع ۾ منشيات جي سرعام واهپي ۾ ڪابه گهٽتائي نه اچي سگهي

مٺي (ذ ر)سنڌ حڪومت جي منشيات خلاف اعلان جنگ ڪرڻ باوجود به ضلع ٿرپارڪر ۾ منشيات جي سري عام واهپي ۾ ڪابه گهٽتائي نه اچي سگهي آهي ۽ شراب سميت چرس ٽوڙي آفيم ۽ سفينا جي خريد فروخت جيئن جو تيئن هلندڙ آهي پرائنو بليڪ تي منشيات جو ڪرو جاري آهي پر پوليس ٽوڙي انٽي نارڪو ٽيڪس ۽ ٻيا ڪاتا به خاموش بڻيل آهن. جڏهن ته ٽوڙي ضلع ٿرپارڪر جي اڪثر شهرن گوٺن ۾ سفيا جي هڪ پڙي 50 روپين ۾ بليڪ تي وڪرو ڪئي پئي وڃي پر ڪير به انهن منشيات فروشن خلاف ڪا ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. جنهن ڪري نوجوان نسل منشيات ۾ تباهه ۽ برباد ٿي رهيو آهي. سجاڳ حلقن سنڌ سرڪار کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته ٿرپارڪر کي منشيات جهڙي تباهي کان بچائي نوجوان نسل کي منشيات جهڙي لعنت کان بچايو وڃي

ڪنڌڪوٽ / سکر

ٺٽون ڳوٺ لڳ سئوٽ وٽ عيد لاءِ آيل عزيز قيد، عورت وڃهه ولي ٿاڻي تي پهتي

ڀارن ۽ مڙس غلام عباس سان گڏ عيد لاءِ ڳوٺ بيدي لاشاري پنهنجي سئوٽ احسان وٽ آياسين: هير لاشاري

احسان لاشاري منهنجي مڙس ۽ ٻن ٻارن سميت پنهنجي گهروني آبوجني هٿن گهر ۾ قيد ڪري ڇڏيو، وڃهه ولي نڪري آئي آهيان

عورت کي پنهنجي ڪسٽڊي ۾ ولي هن جي مڙس ۽ ٻارڙن کي به گهرائي، ڪاڇي جي ڳوٺ سالاري ۾ پهچايو ويندو: پوليس

ٺٽون ڳوٺ(ن ع) ٺٽون ڳوٺ خيرپور ناٿن شاهه جي ڪاڇي سالاري جي رهواسڻ هير لاشاري پنهنجي معصوم ٻارن ۽ مڙس غلام عباس سان گڏ عيد لاءِ ڳوٺ بيدي لاشاري پنهنجي سئوٽ احسان وٽ آيل هئي جنهن گهران نڪري 3 ڪلو ميٽر پنڌ ڪري ڳوٺ ملو ماڇي ۾ صادق پيرزادو جي گهر ۾ پناهه ورتي ڳوٺائي فوري طور ٺٽون ڳوٺ پوليس کي اطلاع ڏني عورت کي ايس ايڇ او جي حوالي ڪيو عورت هير ڏانهيو ته هفتو اڳ سالاري ڳوٺ مان عيد لاءِ سئوٽ احسان لاشاري منهنجي مڙس ۽ ٻن ٻارن سميت پنهنجي گهر ولي آبوجني هٿن گهر ۾ قيد ڪري ڇڏيو وڃهه ولي گهران اڪيلي سر پيچي نڪتس ته سئوٽ احسان هٿيار سان پيڇو ڪيو جن کان بچي مان گهر ۾ پناهه ورتي جتان پوليس ٿاڻي تي آندو ته منهنجي مڙس ۽ ٻن معصوم ٻارڙن کي به سئوٽ جي چنبي مان ڇڏائي ورتو هن ڏانهيو ته منهنجو سئوٽ منهنجي مڙس عباس لاشاري ۽ مون تي تشدد ڪيو ۽ چيو توهان هتي رهندا ان جي ڌمڪين خوف کان مان وڃهه ولي نڪتس ته هو به منهنجي پويان هٿيار کڻي مارڻ لاءِ پويان پيو اچي جو مان ڳوٺ جي هڪ گهر ۾ گهڙي قرآن پاڪ جا واسطا وجهي گهر ۾ ڏئين کان پناهه ورتي بعد هتي پوليس کي اطلاع ڏنو ته منهنجو سئوٽ احسان سون کي ساري چڏيندو هن کان تحفظ ڏنو وڃي ايس ايڇ او ٺٽون ڳوٺ فرمان علي ابڙو صحافين کي ٻڌايو ته عورت هير پنهنجي مڙس ۽ ٻن ٻارڙن سميت عيد تي ڳوٺ بيدي لاشاري ۾ سئوٽ وٽ رهيل هئي جتي هن کي محسوس ٿيو ته هتي سئوٽ ساري ڇڏيندو ان خوف کان هي پيچي ڳوٺ ملو ماڇي ۾ پيرزادن جي گهر پناهه ورتي اطلاع تي پهچي عورت کي پنهنجي ڪسٽڊي ۾ ولي هن جي مڙس ۽ ٻارڙن کي به گهرائي هن جي مرضي مطابق سنڌن ڪاڇي جي ڳوٺ سالاري ۾ پهچايو ويندو اهڙو اطلاع ڏني انهن جي حوالي ڪيو هن چيو ته ايس ايڇ او کي به ڏنو ويو آهي



ٺٽون ڳوٺ سئوٽ وٽ قيد مان وڃهه ولي ٿاڻي پهتل عورت ڳالهائيندي رهي آهي

حيدرآباد ۾ معصوم سونيا کوسو جو پتو نه پوڻ تي وارثن جو احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڪوٽڙي مان 3 ڏينهن اڳ مبينا پراسرار گم ٿيل 3 ورهين جي سونيا کوسو جو پتو نه پوڻ تي حيدرآباد ۾ وارثن جو احتجاج ڪوٽڙي جي علائقي ٽنو شاهه بابا پاڙي مان 3 ڏينهن اڳ پراسرار گم ٿيل 3 ورهين جي معصوم نياڻي سونيا کوسو جي وارثن ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي نينگري جي ڀي نثار کوسو ڇاچي گل حسن ۽ ڀين چيو ته 17مئي2026 ڏهاڙي سنڌن معصوم نياڻي سونيا پاڙي مان پراسرار گم ٿي وئي جنهن جي گهڻي ڳولا ڪرڻ باوجود ڪو به پتو نه پئجي سگهيو آهي هنن چيو ته نينگري جي گمشدگي بابت حد جي ٿاڻي تي اطلاع ڏنو پر 3 ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس نينگري کي هٿ ڪري ڏيڻ ۾ ڪو به تحرڪ نه ورتو آهي هنن آءِ جي سنڌ پوليس، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي جامشورو کي اپيل ڪئي معصوم نياڻي سونيا کوسو کي هٿ ڪري ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

عثمان شاهه هري جي ڳوٺ حاجي عبدالڪريم وساڻ ۾ ترقياتي ڪم شروع

پ پ ضلع ٽنڊوالهيار جي صدر ظهير عباس پتافي پاران پيور بلاڪ اسڪيم ڏني وئي

ظهير عباس پتافي هميشه علائقي جي ترقي، خوشحالي لاءِ جاکوڙيو آهي: ڳوٺاڻن پاران واکاڻ

عثمان شاهه هري (ت ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع ٽنڊوالهيار جي تنظيمي صدر ظهير عباس پتافي پاران ضلع ٽنڊوالهيار جي قديمي ڳوٺ حاجي عبدالڪريم وساڻ ۾ ترقياتي ڪمن تحت پيور بلاڪ اسڪيم جو ڪم جاري آهي جيڪو حاجي غلام عباس وساڻ صدر پي پي پي ڪاچو ونگ ضلع ٽنڊوالهيار جي نگراني ۾ تيزي سان مڪمل ڪيو پيو وڃي. ان موقعي تي ڳوٺ جي معزز نيڪ مرد حاجي عبدالڪريم وساڻ، فقيرمحمد وساڻ سميت ٻين ڳوٺاڻن ظهير عباس پتافي جي عوام دوست قدمن محبتن ۽ خدمتن کي ساراهيندي سنڌن ٿورو مڃيو. ڳوٺاڻن چيو ته ظهير عباس پتافي هميشه علائقي جي ترقي خوشحالي ۽ عوامي ڀلائي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي جنهن جون محبتون ۽ خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته اهڙن ترقياتي ڪمن سان علائقي واسين کي سهولتون ملنديون ۽ ڳوٺ جي خوبصورتي ۾ پڻ اضافو ٿيندو.



عثمان شاهه هري ڳوٺ حاجي عبدالڪريم وساڻ ۾ پيور بلاڪ جو ڪم ٿي رهيو آهي

ٽنگرپارڪر ۾ نوجوان عورت پاران جو ڦاهو کاڌل لاش هٿ

ٽنگرپارڪر(ن ع) ٽنگرپارڪر جي ڳوٺ راڄڪوٺو ۾ 25 سالن جي ڏرنگي زال راڄمند عرف ڪستورو ڪولهي جو گهر ۾ ڦاهو کاڌل لاش هٿ آيو ٽنگرپارڪر پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ٽنگرپارڪر اسپتال منتقل ڪيو ٽنگرپارڪر پوليس ٻڌايو ته هڪ ڏينهن اڳ خودڪشي ڪندڙ عورت ڏرنگي جو مڙس راڄمند ڪولهي ڪندي جي ڏئي تان هيٺ ڪري زخمي ٿي پيو هو عورت پنهنجي مڙس کي تڪليف ۾ ڏسي خودڪشي ڪري ڇڏي

سرهاري پرسان عيد رات ڳوٺاڻي کان ڦر، مزاحمت تي زخمي

هٿيارن جي زور تي نئين 125 موٽرسائيڪل ۽ بيو سامان ڦر ڪري فرار

هٿياربندن مشتاق کوسو کي پسٽل جا بٽ هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو

سرهاري (ن ع) سرهاري پرسان جهيمل شاخ وٽ عيد جي پلاري رات ڪن موٽرسائيڪلن تي سوار نامعلوم هٿيارٻندن ڳوٺاڻي مشتاق کوسو کان هٿيارن جي زور تي نئين 125 موٽرسائيڪل ۽ بيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا. مزاحمت ڪرڻ تي هٿيارٻندن ڳوٺاڻي کي پسٽل جا بٽ هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو معاشر ڳوٺاڻن احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته عيد جهڙي پلاري رات ڏوهارين سنڌن ڳوٺاڻي کي زخمي ڪري موٽرسائيڪل ڦر ڪري زخمي ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا، پر پوليس واقعي واري هنڌ پهچڻ جي ۽ زحمت نه ڪئي ۽ نه ئي جوابدارن جو پيڇو ڪيو هنن الزام لڳايو ته ٻه ڏينهن اڳ ٻه ساڳين هٿيارٻندن حبيب الله کيريو پرسان هڪ ٻئي ڳوٺاڻي کان ڦر ڪئي هئي جڏهن ته اڄ وري مشتاق کوسو کي ڳوٺ کان چند قدمن جي دوري تي نشانو بڻايو آهي سنڌن چوڻ هو ته حد ۾ بدامني عروج تي پهتل آهي ۽ پوليس ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي وئي آهي مسلسل اسان جي ڳوٺ جي ماڻهن کي ٽارگيٽ ڪري ڪيس ڦرون ڪيون پيون وڃن احتجاج ڪندڙن وڌيڪ چيو ته ايس ايڇ او ۽ سينيئر پوليس آفيسرن کي دعوتن ۾ فوٽو سيشن ۾ مصروف آهن جڏهن ته عام ماڻهو ڏوهارين جي رحم ۽ ڪرم تي آهن هنن افسوس ڪندي چيو ته اڌ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود ٿاڻي جو ڪو به عملدار ساڻن ڳالهيون ڪرڻ لاءِ نه آيو هنن مطالبو ڪيو ته ڏوهارين خلاف ڪاروائي ڪري گرفتار ڪري ڪيس ڦريل موٽرسائيڪل ۽ سامان واپس ڪرائي ڪيس انصاف ڪيو وڃي ۽ سرهاري ايس ايڇ او کي هٽائي ڪيس ايماندار آفيسر مقرر ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ موبائل مارڪيٽ ايسوسيئيشن جي صدر جي گهر تي پوليس چڙهائي، احتجاج

شيراز ميمڻ جي گهر تي سٽي پوليس جي چڙهائي خلاف نيشنل بئنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سٽي پوليس بلاجواز ميمڻ جي گهر ۾ داخل ٿي، معصوم نياڻين ۽ بزرگن تي تشدد ڪيو آهي: دڪاندار

پوليس وٽ ڪا شڪايت هئي ته اسانکي گهرائي وٺن ها، اسانجي گهر گهڙي چوڏيواري جو تقدس پامال ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان(ذ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ موبائل مارڪيٽ ايسوسيئيشن جي صدر شيراز ميمڻ جي گهر تي سٽي پوليس جي چڙهائي عورتن ۽ ٻارن تي تشدد خلاف موبائل مارڪيٽ جي دڪاندارن جو نيشنل بئنڪ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين کي ڏرجنين دڪاندارن خطاب ڪندي چيو ته سٽي پوليس بلاجواز موبائل مارڪيٽ ايسوسيئيشن جي صدر شيراز ميمڻ جي گهر ۾ داخل ٿي معصوم نياڻين ۽ بزرگن تي تشدد ڪيو آهي جنهن جي سخت لفظن مذمت ڪيون ٿا هن چيو ته پوليس بلا جواز گهرن ۾ داخل ٿي ناانصافي ڪئي آهي مظاهرين جو چوڻ هو ته پوليس وٽ ڪا شڪايت هئي ته اسانکي گهرائي وٺن ها اسانجي گهر گهڙي چوڏيواري جو تقدس پامال ڪندي بلاجواز معصوم عورتن ۽ بزرگن تي تشدد ڪيو ويو هن واقعي تي شهر جي واپارين ۾ ڪاوڙ جي لهر ڇانئيل آهي اسان اعليٰ اختيارين آءِ جي سنڌ صوبائي گهرو وزير کي اپيل ٿا ڪريون ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري ملوث پوليس اهلڪارن خلاف قانوني قدم کنيو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي.



ٽنڊو محمد خان موبائل مارڪيٽ ايسوسيئيشن جي صدر شيراز ميمڻ جي گهر تي پوليس چڙهائي خلاف واپاري پوليس خلاف احتجاج ڪندي

بلڊ پريشر دل، دماغ، اکين ۽ گردن کي نقصان پهچائي ٿو: ڊاڪٽر غضنفر شاهه

ٽنڊو محمد خان(ذ ر) اين آءِ سي وي ڊي ٽنڊو محمد خان جي انچارج ۽ دل جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر غضنفر علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بلڊ پريشر هڪ خاموش قاتل آهي جيڪو بغير علامتن جي دل دماغ اکين ۽ گردن کي نقصان پهچائي ٿو ۽ فالج دل جي مرض ۾ مبتلا ڪري ٿو ان لاءِ عام ماڻهو ۽ دل جي بيمارين ۾ مبتلا مريض لوڻ جو گهٽ استعمال ڪن وڌيڪ سفيد واريون شيون استعمال نه ڪيون وڃن ته جيئن فالج ۽ دل جي بيمارين کان بچي سگهجي هن چيو ته اسانکي باقاعدگي سان روز جي بنياد تي صبح ۽ شام ورزش ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجو بلڊ پريشر چيڪ ڪرائيندا رهو هن چيو ته عوام ۾ دل جي بيمارين کان بچاءُ ۽ صحتمند زندگي گذارڻ بابت شعور اجاگر ڪرڻ آهي هن چيو ته موجوده دور ۾ دل جي بيمارين ۽ وڌندڙ بلڊ پريشر فالج جي بيماري تيزي سان وڌي رهي آهي انهن مريضن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ان لاءِ احتياط ڪرڻ ضروري آهي هن چيو ته اسانکي پنهنجي خوراڪ بلڪل نارمل بند ٿيو هو جڏهن ته نئين ڪوليسٽرول وٺڻ گهرجي جڏهن ته نئين ڪاروباري ڏينهن جي شروعات تي مارڪيٽ هاڪاري چربي جي زيادهه ٿيڻ تي دل جي بيماريز رخ اختيار ڪيو ماهرن موجب سيڙپڪارن جو وڏو سبب بڻجي ٿو

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي جو رجحان

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن ڪاروبار جي شروعات تي هاڪاري رجحان ڏسڻ ۾ آيو جتي سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ اضافي سبب مارڪيٽ ۾ نمايان تيزي رڪارڊ ٿي ڪاروبار جي شروعات ۾ پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ جو 100 انڊيڪس هڪ هزار کان وڌيڪ پوائنٽس ڪان وڌي هڪ لک 71 هزار 571 پوائنٽس جي سطح تي پهچي ويو مارڪيٽ ۾ خريداري جي رجحان سبب مختلف شعبن جي شيئرز ۾ به بهتري ڏٺي وئي واضح رهي ته گذريل ڪاروبار ڏينهن 100 انڊيڪس 609 پوائنٽس جي گهٽتائي سان هڪ لک 70 هزار 506 پوائنٽس تي بند ٿيو هو جڏهن ته نئين ڪاروباري ڏينهن جي شروعات تي مارڪيٽ هاڪاري رخ اختيار ڪيو ماهرن موجب سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ بحالي معاشي اشارن ۾ بهتري ۽ ڪاروباري سرگرمين ۾ اضافي جي سبب اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ تيزي جو رجحان برقرار رهڻ جي اميد آهي ٻئي پاسي ايشيائي اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ گڏيل رجحان برقرار رهيو جاپان جي نڪي انڊيڪس ۾ اٽڪل هڪ سيڪڙو جو اضافو ٿيو ٿائيلينڊ سيٽ انڊيڪس ۾ به 0.40 سيڪڙو جي تيزي ڏسڻ ۾ آئي جڏهن ته هانگ ڪانگ جي هينگ سينگ انڊيڪس ۾ به معمولي اضافو رڪارڊ ڪيو ويو ان کان علاوه ڏکڻ ڪوريا جي ڪوسپي انڊيڪس ۾ 1.72 سيڪڙو جي ٻاڙائي انڊونيشيا جي جڪارتا ڪمپوزٽ انڊيڪس ۾ هڪ سيڪڙو جي گهٽتائي جڏهن ته چين جي سنگهائي ڪمپوزٽ انڊيڪس ۾ 0.40 سيڪڙو راڌ ڏسڻ ۾ آئي

اوڏيرولال لڳ ڳوٺ الله بخش ميرجت جي رهواسين جو مظاهرو

امام بخش ساهووال ۽ ٻين اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي: ذوالفقار ساهووال

ڪوڙا ڊراما ڪري اسان مٿان ڪوڙا الزام هڻي اسان کي پوليس کان حراسان ڪرائي رهيا آهن

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال لڳ ڳوٺ الله بخش ميرجت جي رهواسين ذوالفقار ساهووال شاهو ساهووال عباس ساهووال ۽ ٻين ڳوٺ جي ٻاٻارن خلاف احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته امام بخش ساهووال مامو ساهووال غفار ساهووال ۽ ٻين اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اسان جي گهرن ۽ ڳوٺ ڏانهن ايندڙ مين رستي تي چوپايو مال ٻڌي رستو بند ڪري ان تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا هي ڳوٺ جو قديمي پراڻو رستو آهي جنهن جي شڪايت ڪرڻ تان ٻاڌر مچرجي ڪوڙا ڊراما ڪري اسان مٿان ڪوڙا الزام هڻي اسان کي پوليس کان حراسان ڪرائي رهيا آهن ۽ وڌيڪ چيو ته رستي تي چوپايو مال ٻڌل هجڻ ڪري اسڪولي ٻارڙن نمازي ماڻهن سميت ڳوٺ وارن کي پنهنجي گهرن ۾ اچ وڃ ۾ سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو احتجاج ڪندڙ ايس ايس پي مٽياري وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ٻاڌرن خلاف ڪاروائي ڪري ڳوٺ جي رستي تان قبضو ختم ڪرائي پريشاني ختم ڪئي وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.



اوڏيرولال ڳوٺ الله ميرجت جي قديمي رستو بند ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ ۾ گل محمد رند جي والد ۽ والده جي ورسي ملهائي وئي

سڪرنڊ (ن ع) اڳوڻي وفاقي سيڪريٽري همدرد آرگنائيزيشن جي باني چيئرمين گل محمد رند جي والد جي 46 هين ۽ والده جي 21 هين ورسي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي ان سلسلي ۾ همدرد جو وفد گل محمد رند جي اڳوڻائي ۾ سڪرنڊ لڳ ڳوٺ قلعي بخش رند پهچي سرحومين جي قبرن تي چادر چاڙهي گل نجاور ڪري فاتحه خواني ڪئي وئي اڻ موقعي تي گل محمد رند ڳالهائيندي چيو ته حسن اتفاق سان امان ۽ بابا جي وفات جي تاريخ 28 مئي ساڳي آهي سنڌن تربيت جو نتيجو هو جو اسين ۾ پائنر 22 گريڊ ۾ چيف سيڪريٽري ۽ فيڊرل سيڪريٽري جي عهدن تي رهياسين هن وڌيڪ چيو ته اسان جا والدين مهمان نواز پڻ ڪمال جا هوندا هئا جڏهن ته غريبن جي مدد ڪرڻ سنڌن مزاج ۾ شامل هوندو هو سنڌن ان انسانيت جي خدمت واري عمل کي دهرائيندي همدرد فري ايمبولينس سروس سميت سماجي خدمتون ڪري رهيا آهيون ورسيءَ دوران همدرد سپورٽ پروگرام جي چيئرمين قاضي جاويد سنائي اجتماعي دعا گهرائي جنهن بعد خيرات جو اهتمام ڪيو ويو ورسيءَ ۾ ڪامل رند، نظير رند، ڏٺي بخش سڪسي حيدر رند، ايوب رند، عبدالغفور راهموسن، ڪوثر، گل رند سميت ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

ٽنڊو محمد خان ۾ عيدالاضحيٰ وڏي عقيدي ۽ احترام سان ملهائي وئي

شهر جي مسجدن، امام بارگاهن ۽ عيد گاهن ۾ هزارين مسلمانن عيد نماز ادا ڪئي

صفائي سترائي لاءِ ميونسپل ڪميٽي ٽنڊو محمد خان پاران انتظام سخت ڪيا ويا

ٽنڊو محمد خان(ذ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ عيدالاضحيٰ وڏي عقيدي ۽ احترام سان ملهائي وئي عيد جي موقعي تي شهرجي مسجدن امام بارگاهن ۽ عيد گاهن ۾ هزارين مسلمانن عيد نماز ادا ڪيون ويون ۽ شهر ۾ پوليس پاران سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا جنهن بعد پوري ضلعي ۾ عيد جي ڏينهن سنت ابراهيمي تحت شهرن ٽوڙي ڳوٺن ۾ حلال جانورن جي قرباني جو سلسلو جاري رهيو ٻي طرف شهر ۾ صفائي سترائي لاءِ ميونسپل ڪميٽي ٽنڊو محمد خان پاران انتظام سخت ڪيا ويا جڏهن ته سخت گرمي هئڻ ڪري شهر جي مختلف علائقن ۾ صاف ڦڏي پاڻي جو پڻ انتظام ڪيو ويو ۽ سچي شهر اندر ميونسپل جي سينيٽري عملي کي عيد جي ڪري ايمرجنسي طور موڪلون نه ڏيون ويون ٻي طرف شهر ۾ عوام جي وڏي رش نظر آئي پبلڪ پارڪ ۾ عيد جي موقعي تي جهولا پڻ لڳايا ويا جتي معصوم ٻارڙن پاران گهمڻ ۽ خوشي وچان رش نظر آئي

سڳيون پرسان ڳوٺ وريام خان سيال مان ڏينهن ڏٺي چوري

چور ڳوٺائي ظفر سيال جي بڪري چوري ڪري موٽرسائيڪل ڪٽي فرار

ڳوٺاڻن پيڇو ڪري چورن شاهه زمان شاهه ۽ توحيد سومرو کي سوگهو ڪري ورتو

سڳيون(ن ع) سڳيون پرسان ڳوٺ وريام خان سيال مان چور ڏينهن ڏٺي جو ڳوٺائي ظفر سيال جي بڪري چوري ڪري موٽرسائيڪل ڪٽي فرار ٿيا ته ڳوٺاڻن پيڇو ڪري ديهات شهر خانواهڻ روڊ تي بڪري سميت ٻن چورن شاهه زمان شاهه ۽ توحيد سومرو کي گرفتار ڪري پوليس چوڪي تي آندو جتي تقريبن پنج ڏينهن اڳ ڳوٺ وريام خان سيال مان سڳيون جي سينيئر صحافي گلاب علي سيال جي سالي محبوب سيال جو چوري ٿيل چيلو چوري ڪرڻ جو به اعتراف ڪيو آهي محبوب سيال ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي ايس پي سوپوديرو کان مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل چيلو واپس ڪرائي ڏنو وڃي



سڳيون پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار

پ پ جي سينيئر اڳواڻ رئيس لکي محمد رند جي امداد پتافي سان ملاقات

تڪ جي سياسي صورتحال سميت ترقياتي ڪمن جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه

عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ امداد پتافي هميشه اڳيان رهيو آهي: لکي محمد رند

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) پ پ ضلع ٽنڊوالهيار جي سينيئر اڳواڻ رئيس لکي محمد رند تڪ جي ايم پي اي رئيس امداد خان پتافي سان عيد ڏهاڙي ملاقات ڪري عيد جون واڌايون ڏنيون ان موقعي تي ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ تڪ جي سياسي صورتحال سميت ترقياتي ڪمن جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿي ان حوالي سان پ پ ضلع ٽنڊوالهيار جي سينيئر اڳواڻ رئيس لکي محمد رند جو چوڻ آهي ته امداد پتافي حقيقي عوامي نمائندو آهي عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪري سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ امداد پتافي هميشه اڳيان رهيو آهي اهو ئي سبب آهي جو تڪ جو عوام ساڻس بي لوٿ محبت ڪري ٿو



حيدرآباد پ پ اڳواڻ رئيس لکي محمد رند پ پ ايم پي اي امداد پتافي سان عيد ملي رهيو آهي

سيڪاٽ نيشنل هاءِ وي مين بس اسٽاپ وٽ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر

عبدالرحمان ۽ علي چوهاڻ جي موٽر سائيڪل گاڏي وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

ريسڪيو جي دير سبب زخمين کي موٽر سائيڪل تي لاد ڪري اسپتال منتقل ڪيو ويو

مٽياري (ذ ر) سيڪاٽ نيشنل هاءِ وي مين بس اسٽاپ وٽ ٻن موٽر سائيڪلن وڪڪي ريسڪيو جي دير تي شهري ناراض سيڪاٽ جي نيشنل هاءِ وي مين بس اسٽاپ وٽ ٽنڊو آدم جي سڪراني عبدالرحمان ولد راجا ارشاد سڪراني جي گاڏي ۽ امجد سولنگي ۽ علي چوهاڻ جي موٽر سائيڪل گاڏي وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو حادثي ۾ ٽي ڄڻا سخت زخمي ٿيا عيني شاهدن موجب حادثي جي اطلاع فوري طور ريسڪيو 1122 کي ڏنو ويو پر ريسڪيو ٽيم اڌ ڪلاڪ بعد پهتي ريسڪيو جي دير سبب زخمين کي موٽر سائيڪل تي لاد ڪري اسپتال منتقل ڪيو ويو ريسڪيو ٽيم پهچڻ ڪانپوءِ رڳو هڪ زخمي کي پنهنجي گاڏي ۾ اسپتال پهچايو شاهدن ريسڪيو اهلڪارن جي نااهلي تي سخت ناراضگي جو اظهار ڪندي چيو ته بروقت پهچڻ سان زخمين جي تڪليف گهٽجي سگهي ٿي

مسوڙڳوٺ جي جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي بجلي جي اعلانيل توڙي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو آزار

عوام جي سخت احتجاج باوجود بجلي جي اعلانيل توڙي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو رکجي نه سگهيو

حيسڪو انتظاميا جي نااهلي سبب گرمي جي سخت موسم ۾ ماڻهو عذاب ۾ مبتلا، ڪاروبار پڻ ٺپ ٿي ويو

پاڻي جي کوٽ، ڪاروبار جي تباهي ۽ گرمي سبب ٻار، عورتون ۽ بزرگ وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن، ڪو ٻڌڻ وارو ناهي: شهري

مسوڙڳوٺ (ن ع) مسوڙڳوٺ جي جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي بجلي جي اعلانيل توڙي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو رکجي نه سگهيو آهي جنهن سبب علائقي واسين جي زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي ڪيترن ئي ڪلاڪن ڏائين بجلي بند رهڻ ڪري رهواسين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جڏهن ته ڪاروباري سرگرمين به متاثر ٿيڻ لڳيون آهن علائقي جي رهواسين ۽ واپارين احتجاج ڪندي چيو ته حيسڪو انتظاميا جي نااهلي سبب گرمي جي سخت موسم ۾ ماڻهن کي عذاب ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي هنن الزام لڳايو ته حيسڪو چيف حيدرآباد کان فوري نوٽيس وٺندي جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تان اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو سلسلو ختم ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سنڌن جائز مطالبا نه مڃيا ويا ته معمول سخت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ ڪيترائي پيرا لاڳاپيل اختيارين کي شڪايتون ڏنيون ويون آهن پر ڪو به عملي قدم نه کنيو ويو آهي هنن چيو ته پاڻي جي کوٽ، ڪاروبار جي تباهي ۽ گرمي سبب ٻار، عورتون ۽ بزرگ وڌيڪ متاثر ٿي رهيا آهن هنن چيو ته جيڪڏهن بجلي جي فراهمي بحال نه ڪئي وئي ته پوءِ جي سموري ذميواري حيسڪو اختيارين تي هوندي هنن واضح موقف سامهون آيو ته اڄي سڪيهيو ۽ عوام ۾ بيچيني ۽ مايوسي وڌي رهي آهي

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ تيزي جو رجحان

اسلام آباد (اي پي پي)عالمي مارڪيٽ ۾ گذريل ڏينهن ڪچي تيل جي قيمتن ۾ معمولي تيزي جو رجحان رهيو آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽر ميڊيٽ تحت ڪچي تيل جا مستقبل جا سودا 0.85 ڊالر جي اضافي بعد 98.92 ڊالرز في بيرل ۽ برينٽ نارٿ سي جا مستقبل جا سودا 0.61 ڊالر جي اضافي بعد 104.80 ڊالرز في بيرل ۾ طئي ٿيا، روسي يورال آئل تحت ڪچي تيل جا مستقبل جا سودا 3.01 ڊالر جي اضافي سان 95.57 ڊالرز ۾ طئي ٿيا، وچ اوڀر جي مارڪيٽن ۾ گڏيل رجحان ڏسڻ ۾ آيو، عرب لائيٽ تحت ڪچي تيل جي قيمت ۾ 5.70 ڊالر جو اضافو ٿيو ۽ مستقبل جا سودا 113.17 ڊالرن جڏهن ته ڪويت ايڪسپورٽ بلينڊ تحت مستقبل جا سودا 3.83 ڊالر جي اضافي بعد 11806 ڊالرن ۾ طئي ٿيا . دبئي بينچ مارڪ تحت ڪچي تيل جا مستقبل جا سودا 0.02 ڊالر جي گهٽتائي بعد 97.59 ڊالرن ۾ طئي ٿيا .

سوڀوديرو پرسان ڳوٺ انب جي رهواسي واپاري جا ٽي وهڙا چوري

ڳوٺ مان اوڌر تي دور وئي ڪراچي منڊي ۾ وڪرو ڪرڻ ويس: روشن سهتو

نامعلوم چور سنڌس ٽي وهڙا کاهي فرار ٿي ويا، سخت پريشاني ۾ مبتلا آهيان

سوڀوديرو(ن ع)سوڀوديرو پرسان ڳوٺ انب جي رهواسي واپاري روشن سهتو جا ٽي وهڙا ڪراچي منڊي مان چور کاهي فرار خبر موجب واپاري روشن سهتو ڏانهيندي ٻڌايو ته هو غريب ماڻهو آهي ۽ ڳوٺ مان اوڌر تي دور وئي ڪراچي منڊي ۾ وڪرو لاءِ آيو هو ته جيئن پنهنجي ٻچن جي روزي ڪمائي سگهي پر نامعلوم چور سنڌس ٽي وهڙا کاهي فرار ٿي ويا روشن سهتو جو چوڻ هو ته هاڻي هو سخت پريشاني ۾ مبتلا آهي چو ته آوڌر تي ورتل جانورن جا پئسا ادا ڪرڻ به سنڌس لاءِ ڏکيو بڻجي ويو آهي هن الزام لڳايو آهي ته انتظاميا ۽ سائس ڪو خاص سهڪار نٿي ڪري

سيپڪو پاران بجلي چورن ۽ بقاياجات خلاف ڪريڪ ڊائون وڌيڪ تيز

سکر(بيورو رپورٽ)سکر اليڪٽرڪ پاور ڪمپني پنهنجي حدن ۾ ايندڙ نون ضلعن ۾ بجلي چوري روڪڻ ۽ ريڪوري وڌائڻ لاءِ ڪريڪ ڊائون وڌيڪ تيز ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ سيپڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر انجنيئر اعجاز احمد چنهه ٻڌايو ته ڪريڪ ڊائون ۾ رينجرز پوليس ۽ ايف آءِ اي جا اهلڪار ۽ آفيسر پڻ سيپڪو عملي سان گڏ هوندا هن غير قانوني طريقي سان بجلي استعمال ڪندڙن کي چيو ته هو قانوني ڪنيڪشن حاصل ڪن ٻي صورت ۾ پڪڙجڻ جي صورت ۾ ڪين نه رڳو ڏنڊ بلڪه ڪيس داخل ڪري جيل ۾ پڻ موڪليو ويندو هن چيو ته ڊيفالٽرن سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ۽ ان حوالي سان سيني آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون

ٽنڊوالهيار جي رضوي هائوس عيدالاضحيٰ جي ٽنهي ڏينهن دوران عوام جا وڏا ميڙاڪا

عيد ڏهاڙن تي پيپلز پارٽي جي ورڪرن، جيالن، چونڊيل نمائندن ۽ سرڪاري عملدارن وڏي انگ ۾ شرڪت

عيد جا هي ميڙاڪا دراصل محبتن، خلوص ۽ عوامي رشتن جي خوبصورت علامت آهن: ضياءُ عباس شاهه رضوي

اسان وٽ ايندڙ سمورا ماڻهو اسان جا پنهنجا، محبتي ۽ پيار ڪندڙ آهن جن جي عزت، محبت ۽ خلوص کي ڪڏهن به وساري نٿا سگهون

عثمان شاهه هري(ز ر) رپورٽ: اي جي ڪاڪلاڻي) رضوي هائوس شاهپور رضوي ۾ عيدالاضحيٰ جي ٽنهي ڏينهن دوران عوام جا وڏا ميڙاڪا متل رهيا، جتي ضلع ٽنڊوالهيار جي مختلف برادرين جي معززين، پاڪستان پيپلز پارٽي جي ورڪرن، جيالن، چونڊيل نمائندن ۽ سرڪاري عملدارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پي پي پي جي ايم پي اي سيد ضياءُ عباس شاهه رضوي، سيد محمد حسن شاهه عرف پورل شاهه رضوي ۽ سيد ثمر حسن شاهه رضوي سان ماڻهن عيدالاضحيٰ جون مبارڪون ۽ نيڪ خواهشون پيش ڪيون. عيد ملڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن سان ملاقات دوران اڳواڻن محبت، پائيچاري ۽ عوامي وابستگي جي جذبن کي ساراهيندي چيو ته عيد جا هي ميڙاڪا دراصل محبتن خلوص ۽ عوامي رشتن جي خوبصورت علامت آهن. هنن چيو ته اسان وٽ ايندڙ سمورا ماڻهو اسان جا پنهنجا، محبتي ۽ پيار ڪندڙ آهن جن جي عزت، محبت ۽ خلوص کي ڪڏهن به وساري نٿا سگهون. هنن وڌيڪ چيو ته عوام سان اهڙو ويجهو تعلق ئي اسان جي اصل طاقت آهي ۽ هميشه عوام جي خدمت، ڀلائي ۽ ساٿ لاءِ اڳيرا رهنداسين.



عثمان شاهه هري عيدالاضحيٰ جي موقعي تي رضوي هائوس تي جيالن ورڪرن ۽ چونڊيل نمائندا شريڪ آهن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ٻلهڙو پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 30 مئي 2026ع

سماج ۾ قدرن جي اٽاٽ چو آهي؟

ڪنهن به سماج جي سڃاڻپ صرف ان جي عمارتن، روڊن يا معاشي ترقيءَ سان نہ ٿيندي آهي، پر ان سماج جي اخلاقي قدرن، روايتن، رويـن ۽ انساني لاڳاپن سان ٿيندي آهي. جڏهن سماجي قدر مضبوط هوندا آهن تہ معاشرو امن، احترام، ڀائيچاري ۽ انصاف جو مرڪز بڻجي ويندو آهي، پر جڏهن اهي قدر ڪمزور ٿيڻ لڳندا آهن تہ پورو سماج اندر بيچيني، انتشار، عدم برداشت ۽ خود غرضي وڌڻ لڳندي آهي. افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ اسان جو معاشرو بہ اڄ اهڙي ئي خطرناڪ صورتحال مان گذري رهيو آهي، جتي سماجي قدرن جي پستي هر شعبي ۾ صاف نظر اچي رهي آهي. ڪو وقت هو جڏهن وڏن جو احترام، پاڙيسريءَ جو خيال، سچائي، ايمانداري، رواداري ۽ گڏيل خانداني نظام اسان جي سماج جي سڃاڻپ هوندا هئا. ماڻهو ڏکئي وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا هئا، غريبن جو خيال رکندا هئا ۽ اخلاقي حدن کي اهميت ڏيندا هئا، پر هاڻي حالتون تيزيءَ سان بدلجي رهيون آهن. خود غرضي، نفرت، برداشت جي کوٽ، منافقت ۽ ماديت پرستي سماج تي غالب ٿيندي پئي وڃي. ماڻهو پنهنجي مفادن لاءِ هر حد پار ڪرڻ لاءِ تيار نظر اچن ٿا، جنهن سبب انساني رشتن ۾ بہ گرمي گهٽجندي پئي وڃي.

ڏٺو وڃي تہ سماجي قدرن جي زوال جا ڪيترائي سبب آهن. سڀ کان اهم سبب تعليم ۽ تربيت جي وچ ۾ وڌندڙ فاصلو آهي. اسان جي تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي ڊگريون تہ ڏنيون وڃن ٿيون، پر ڪيـن اخلاق، برداشت، ذميواري ۽ انسانيت جو سبق گهٽ سيکاريو وڃي ٿو. تعليم جو مقصد صرف روزگار حاصل ڪرڻ تائين محدود ٿي ويو آهي، جڏهن تہ شخصيت سازي ۽ ڪردار جي تعمير کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. نتيجي طور نوجوان نسل علم تہ حاصل ڪري رهيو آهي، پر عملي زندگيءَ ۾ اخلاقي بحران جو شڪار بڻجي رهيو آهي. سوشل ميڊيا بہ سماجي قدرن جي تبديليءَ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. جديد ٽيڪنالاجيءَ انسان کي سهولتون تہ ڏنيون آهن، پر ان سان گڏ منفي اثر بہ وڌيا آهن. هاڻي ماڻهو حقيقي رشتن کان وڌيڪ مجازي دنيا ۾ رهڻ پسند ڪن ٿا. سوشل ميڊيا تي نفرت، ڪوڙ، غير اخلاقي مواد ۽ هڪ ٻئي جي تذليل عام ٿي چڪي آهي. نوجوان بنا تصديق جي هر ڳالهہ تي يقين ڪن ٿا ۽ جذباتي ردعمل ڏيکارين ٿا. ان صورتحال، برداشت ۽ سنجيدگيءَ واري روايت کي سخت نقصان پهچايو آهي. خانداني نظام جي ڪمزوري بہ سماجي قدرن جي زوال جو اهم سبب آهي. اڳ گڏيل خاندانن ۾ ٻارن جي تربيت گڏيل ذميواري هوندي هئي. وڏا پنهنجي تجربي سان نوجوانن جي رهنمائي ڪندا هئا، پر هاڻي گڏيل خانداني نظام ٽٽڻ ڪري ٻار اڪيلائي، ذهني دٻاءُ ۽ غير متوازن ماحول جو شڪار ٿي رهيا آهن. والدين جي مصروفيتن سبب ٻارن کي وقت گهٽ ملي ٿو جنهن ڪري سندن اخلاقي تربيت متاثر ٿي رهي آهي. ان کان علاوه سياسي ۽ سماجي قيادت جو رويو بہ عوام تي گهرو اثر ڇڏي ٿو. جڏهن معاشري ۾ ڪوڙ، ڪرپشن، اقربا پروري ۽ ناانصافي کي برداشت ڪيو وڃي ٿو تہ پوءِ عام ماڻهو بہ انهن ڳالهين کي معمول سمجهڻ لڳن ٿا. بدقسمتيءَ سان اسان وٽ ايماندار ۽ بااخلاق روين جي حوصلا افزائي گهٽ ۽ منفي عملن جي نمائش وڌيڪ نظر اچي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ نوجوان نسل لاءِ مثبت مثال گهٽجي رهيا آهن.

سماجي قدرن جي پستيءَ جا نتيجا انتهائي خطرناڪ آهن. سماج ۾ ڏوهن جي شرح وڌي رهي آهي، عدم برداشت وڌي رهي آهي، گهريلو تڪرار وڌي رهيا آهن ۽ ذهني بيچيني عام ٿي رهي آهي. ماڻهو هڪ ٻئي تي اعتماد وڃائي رهيا آهن، جنهن سان سماجي اتحاد ڪمزور ٿي رهيو آهي جيڪڏهن اها صورتحال جاري رهي تہ مستقبل ۾ معاشرو وڌيڪ انتشار ۽ اخلاقي بحران جو شڪار ٿي سگهي ٿو. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سماجي قدرن جي بحاليءَ لاءِ گڏيل ڪوششون ڪيون وڃن. تعليمي ادارن ۾ اخلاقي تعليم کي اهميت ڏني وڃي. والدين ٻارن جي تربيت تي خاص ڌيان ڏين ۽ سوشل ميڊيا جو ذميواريءَ سان استعمال ڪيو وڃي. ميڊيا، عالمن، استادن ۽ سماجي اڳواڻن کي بہ مثبت ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، جيئن نوجوان نسل کي سچائي، احترام، برداشت ۽ انسانيت جهڙن قدرن ڏانهن واپس آڻي سگهجي.

ايران ـ آمريڪا ممڪن معاهدو: دنيا لاءِ نئون موڙ يا عارضي سڪون؟


محسن ميمڻ

وچ اوڀر جي سياست ۾ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ لاڳاپا گذريل چئن ڏهاڪن کان عالمي تڪرارن جو مرڪز رهيا آهن 1979ع جي ايراني انقلاب کانپوءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ بي اعتمادي، پابنديون، ڌمڪيون، پراڪسي جنگيون ۽ سفارتي ڇڪتاڻ عالمي امن لاءِ هڪ مستقل خطرو بڻيل رهي آهي خاص طور تي ايران جي جوهري پروگرام سبب آمريڪا ۽ سندس اتحادي ملڪن کي اهو خدشو رهيو آهي تہ ايران مستقبل ۾ ايٽمي طاقت بڻجي سگهي ٿو جڏهن تہ ايران هميشہ اهو موقف اختيار ڪندو رهيو آهي تہ سندس جوهري پروگرام پرامن مقصدن لاءِ آهي هاڻي جيڪڏهن ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڪو جامع معاهدو طئي ٿي وڃي ٿو تہ اهو صرف ٻن ملڪن تائين محدود نہ رهندو، پر ان جا سياسي، معاشي، سفارتي ۽ دفاعي اثر سڄي دنيا تي پوندا ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڪنهن بہ ممڪن معاهدي جو پهريون وڏو اثر وچ اوڀر جي امن ۽ استحڪام تي پوندو ڪيترن سالن کان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ڇڪتاڻ سبب شام، عراق، يمن ۽ لبنان جهڙا ملڪ پراڪسي جنگين جو ميدان بڻيل رهيا آهن جيڪڏهن ٻنهي ترين وچ ۾ سفارتي لاڳاپا بهتر ٿين ٿا تہ خطي ۾ جنگي ماحول ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي يمن ۾ حوثين ۽ سعودي عرب وچ ۾ جاري ڇڪتاڻ شام ۾ مختلف ترين جي ٽڪراءُ ۽ عراق ۾ مليشيا سرگرمين تي بہ اثر پئجي سگهي ٿو اهڙي صورت ۾ وچ اوڀر جا ملڪ پنهنجي وسيلن کي جنگ بدران ترقي، واپار ۽ عوامي ڀلائي تي خرچ ڪري سگهندا ٻيو اهم اثر عالمي معيشت تي پوندو ايران دنيا جي وڏن تيل ۽ گئس پيدا ڪندڙ ملڪن مان هڪ آهي آمريڪي پابندين سبب ايران جي تيل جي برآمدات محدود رهي آهي جنهن سبب عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ غير يقيني صورتحال پيدا ٿيندي رهي آهي جيڪڏهن معاهدي ڪانپوءِ پابنديون ختم ٿين ٿيون تہ ايران وڏي پيماني تي عالمي تيل مارڪيٽ ۾ داخل ٿيندو ان سان تيل جي عالمي فراهمي وڌندي ۽ قيمتن ۾ استحڪام اچي سگهي ٿو تيل سستو ٿيڻ سان ڪيترن ترقي پذير ملڪن کي فائدو ٿيندو، جو تہ انهن جا درآمدي خرچ گهٽ ٿيندا پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ بہ اها هڪ مثبت تبديلي هوندي، جتي مهانگائي ۽ توانائي بحران ۾ ڪجهہ گهٽتائي اچي سگهي ٿي

ايران تي پابنديون ختم ٿيڻ سان عالمي واپار ۾ بہ نوان در کلي سگهن ٿا. چين، روس، يورپ ۽ وچ ايشيا جا ملڪ ايران سان واپاري لاڳاپا وڌائڻ لاءِ اڳتي ايندا ايران جغرافيائي طور هڪ اهم ملڪ آهي، جيڪو وچ ايشيا، ڏکڻ ايشيا ۽ وچ اوڀر کي ڳنڍي ٿو جيڪڏهن ايران عالمي معيشت ۾ مڪمل طور شامل ٿئي ٿو تہ ڪيترائي علائقائي واپاري منصوبا تيز ٿي سگهن ٿا. چين جو "بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو" بہ وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي ٿو. جڏهن تہ پاڪستان لاءِ بہ ايران وسيلي توانائي ۽ واپار جا نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا. ٻئي طرف اهڙي معاهدي جا ڪجهہ منفي يا پيچيده اثر بہ ٿي سگهن ٿا. اسرائيل ڊگهي عرصي کان ايران کي پنهنجي سلامتي لاءِ وڏو خطرو سمجهندو رهيو آهي جيڪڏهن آمريڪا ايران سان معاهدو ڪري ٿو ۽ تهران کي عالمي سطح تي وڌيڪ آزادي ملي ٿي تہ اسرائيل اندر بيچيني وڌي سگهي ٿي اسرائيلي قيادت اهو سمجهي سگهي ٿي تہ آمريڪا سندس خدشن کي نظرانداز ڪري رهيو آهي اهڙي صورتحال ۾ اسرائيل شايد پنهنجي دفاعي پاليسين کي وڌيڪ سخت ڪري يا علائقي ۾ ڳجهيون ڪارروايون وڌائي ان سان خطي ۾ نئون توازن پيدا ٿيندو جيڪو ڪجهہ وقت لاءِ وڌيڪ حساس صورتحال بہ پيدا ڪري سگهي ٿو سعودي عرب ۽ خليجي ملڪن تي بہ ان جا اهم اثر پوندا ڪيترن سالن کان خليجي ملڪن ۽ ايران وچ ۾ اثر رسوخ جي جنگ جاري رهي آهي جيڪڏهن ايران تي پابنديون ختم ٿين ٿيون ۽ سندس معيشت مضبوط ٿئي ٿي تہ خطي ۾ ايران جو سياسي اثر وڌي سگهي ٿو سعودي عرب لاءِ اهو هڪ نئون چئلينج هوندو البت تازن سالن ۾ سعودي عرب ۽ ايران وچ ۾ سفارتي لاڳاپن جي بحاليءَ جا قدم بہ کنيا ويا آهن تنهنڪري امڪان آهي تہ آمريڪا - ايران معاهدو خطي ۾ مقابلي بدران تعاون کي بہ هٿي ڏئي سگهي ٿو عالمي سفارتڪاريءَ جي حوالي سان بہ اهو معاهدو هڪ اهم تبديلي آڻي سگهي ٿو جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران جهڙا سخت مخالف ملڪ ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا تہ اهو دنيا لاءِ هڪ مثبت مثال بڻجي سگهي ٿو ان سان اهو پيغام ويندو تہ جنگ، پابنديون ۽ دٻاءُ بدران سفارتڪاري ۽ ڳالهين ذريعي بہ وڏا تڪرار حل ٿي سگهن ٿا. خاص طور تي روس- يوڪرين جنگ، ڪوريا تڪرار ۽ ٻين عالمي مسئلن جي حوالي سان بہ سفارتي ڪوششن کي همٿ ملي سگهي ٿي آمريڪا جي اندروني سياست تي بہ ان جا اثر پوندا آمريڪا ۾ هميشہ ايران بابت سخت ۽ نرم پاليسين تي اختلاف رهيا آهن جيڪڏهن معاهدو ڪامياب ٿئي ٿو تہ اها آمريڪي قيادت لاءِ هڪ سفارتي ڪاميابي سمجهي ويندي، پر جيڪڏهن ايران بعد ۾ معاهدي جي ڪنهن شرط تي عمل نہ ڪري تہ مخالف ڌريون حڪومت تي سخت تنقيد بہ ڪري سگهن ٿيون. ساڳي ريت ايران اندر بہ قدامت پسند ۽ اعتدال پسند ڌرين وچ ۾ اختلاف وڌي سگهن ٿا. ڪجهہ حلقا آمريڪا سان ويجهڙائپ کي قومي مفادن خلاف سمجهندا، جڏهن تہ ٻيا ان کي معاشي بحاليءَ لاءِ ضروري قرار ڏيندا دنيا جي طاقتور ملڪن خاص طور تي چين ۽ روس لاءِ بہ اهڙو معاهدو وڏي اهميت رکي ٿو چين ايران جو اهم معاشي ساٿي رهيو آهي، جڏهن تہ روس پڻ ايران سان دفاعي ۽ سياسي لاڳاپا رکي ٿو جيڪڏهن ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ويجهڙائپ وڌي ٿي تہ عالمي طاقت جي توازن ۾ تبديلي اچي سگهي ٿي ايران شايد هڪ ئي وقت آمريڪا، چين ۽ روس سان متوازن لاڳاپا رکڻ جي ڪوشش ڪري، جنهن سان عالمي سفارتڪاريءَ ۾ نوان اتحاد ۽ نيون حڪمت عمليون سامهون اچي سگهن ٿيون

مختصر طور، ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ممڪن معاهدو دنيا لاءِ هڪ وڏي تبديليءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو ان سان وچ اوڀر ۾ امن جا امڪان وڌندا، عالمي معيشت کي استحڪام ملندو، تيل جون قيمتون متاثر ٿينديون، سفارتي ماحول بهتر ٿيندو ۽ ڪيترن ملڪن لاءِ نوان معاشي موقعا پيدا ٿيندا پر ساڳئي وقت خطي ۾ طاقت جي نئين ورڇ، اسرائيل ۽ خليجي ملڪن جا خدشا ۽ عالمي سياسي توازن ۾ تبديليون بہ سامهون اچي سگهن ٿيون. دنيا هن وقت جنگين، معاشي بحرانن ۽ سياسي بي يقينيءَ جي دور مان گذري رهي آهي، اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن ايران ۽ آمريڪا ڳالهين ذريعي ڪنهن مستقل حل تائين پهچن ٿا تہ اهو عالمي امن لاءِ هڪ اهم اڳڀرائي ثابت ٿي سگهي ٿو

حڪمتِ عملي ئي هرقل جي ڪاميابيءَ جو سبب بڻي!


مير قائم خان ٽالپر

ڊاڪٽر ولاديمر ڪيونٽ حڪمتِ عمليءَ جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ: 'هڪ اهڙي نظريي کي ڳولڻ، ترتيب ڏيڻ ۽ تيار ڪرڻ بہ هڪ نظام آهي جنهن تي وفاداري سان هلڻ تي طويل مدتي ڪاميابي يقيني حاصل ٿيندي' انهيءَ کان علاوه ميڪس ميڪين جو موقف آهي تہ: 'حڪمت عملي مستقبل جي تشڪيل جي باري ۾ آهي ۽ اها دستياب وسيلن سان گهربل مقصد حاصل ڪرڻ جي انساني ڪوشش جو نالو آهي' ٻين لفظن ۾ آئون ائين چوان تہ اها سوچ جيڪا غيريقيني صورتحال جي حالتن ۾ هڪ يا وڌيڪ مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ طئي ڪئي وڃي ٿي انهيءَ کي حڪمتِ عملي چئبو آهي حڪمتِ عملي جو لفظ ڇهين صدي عيسويءَ ۾ اڀرندي رومن جي اصطلاحن ۾ استعمال ٿيو 'حڪمت' جي اصطلاح جو مطلب آهي تہ هڪ جامع طريقي سان مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش. زندگيءَ جي هر معاملي ۾ حڪمتِ عملي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، چو تہ پنهنجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ موجود وسيلا عام طور تي محدود هوندا آهن حڪمت عمليون عام طور تي مقصدن کي ترتيب ڏئي انهيءَ مان مقصد حاصل ڪرڻ جو طريقو ترتيب ڏيڻ جي لاءِ تمام ضروري هوندي آهي انهيءَ حڪمت عمليءَ کي ڪامياب ڪرڻ جي لاءِ ڪنيل قدم جي جاکوڙ کي متحرڪ ڪرڻ تمام اهم هوندو آهي آئون پنهنجي نوجوانن کي ايترو ضرور چوندس تہ ياد رکو حڪمتِ عملي مستقبل کي ترتيب ڏيڻ بابت اها انساني ڪوشش آهي جيڪا موجود وسيلن جي ذريعي ضروري نتيجو حاصل ڪرڻ جي لاءِ صرف هڪڙي نہ پر اڄڻ واري نسلن تائين ڪارگر ٿئي ٿي حڪمتِ عملي هڪ مستحڪم سوچ آهي جيڪا انسان کي عملي زندگيءَ ۾ دور انديشي سان حقيقتن کي ڏسڻ حالتن تي غور و فڪر ڪرڻ ۽ نتيجو ڪڍڻ جي صلاحيت ڏئي ٿي حڪمتِ عملي ڳاهڻ جو بنياد مشاهدي، تجربي، نتيجن ۽ اڳڪٿين تي ٻڌل تجزيي تي هوندو آهي انهيءَ ڪري ڏٺو وڃي تہ حڪمتِ عملي کي اسان نظريو بہ چئي سگهون ٿا.

اڄ منهنجي گفتگو جو مقصد اصل ۾ حڪمتِ عملي جي وضاحت ۽ اهميت کي پنهنجي انهن نوجوانن تائين پهچائڻ آهي جيڪي اڻ ڏٺل ۽ اڻ ٻڌل ڳالهين تي يقين رکيو ٿلهن دلاسن تي جهمريون هڻڻ ئي پنهنجي لاءِ ڪافي سمجهن ٿا انهيءَ ڪري اڄ هتي مون گفتگو جي لاءِ لفظ حڪمتِ عملي کي بطور عنوان منتخب ڪيو آهي ۽ انهن نوجوانن جي لاءِ هتي حڪمتِ عمليءَ جي هڪڙي مثال بہ ڏني آهي تہ جيئن اسان جي نوجوانن کي حڪمتِ عملي جي بنيادي حيثيت اهميت ۽ سگهہ جو اندازو ٿي سگهي ۽ پوءِ اهي پنهنجي سامهون موجود حالات يا حالتن جي متعلق اهو سمجهي سگهن تہ ڪهڙي طرح حڪمتِ عملي جي تحت ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي روم جي هڪڙي سابق بادشاهہ قسطنطين 325ع ۾ مسيحيت قبول ڪئي ۽ انهيءَ کي سرڪاري حيثيت ڏئي ڇڏي، جنهن جي ڪري روم جي گهڻي آبادي حضرت عيسيٰ جي پيروي ڪندڙ هئي انهي جي مقابلي ۾ ايراني سج ديوتا جا عبادت گذار هئا. انهيءَ وقت روم تي جنهن بادشاهہ جي حڪومت هئي انهيءَ جو نالو ماريس هو ماريس جي نااهلي ۽ بيڪار انتظام جي ڪري 602ع ۾ سندس فوج ئي هن جي خلاف بغاوت ڪري ڇڏي، انهيءَ بغاوت جي قيادت هڪڙو فوجي ڪپتان فوڪاس ڪري رهيو هو فوڪاس جي ڪيل بغاوت ڪامياب ٿي وئي ۽ فوڪاس روم جي شهنشاهہ جي تخت تي قابض ٿي ويو فوڪاس اقتدار حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ شهنشاهہ ماريس ۽ انهيءَ جي خاندان کي بيدرديءَ سان قتل ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ ڪانپوءِ فوڪاس پنهنجي پاڙيسري ملڪ ايران ڏانهن هڪڙو سفير اماڻيو جنهن ايران پهچي فوڪاس جي تخت نشين جي اطلاع ڏني انهيءَ وقت ايران جي تخت تي نوشيروان عادل جو پٽ خسرو پرويز هو خسرو پرويز کي 590-91ع ۾ اندروني سازش ۽ بغاوت جي سبب پنهنجي ملڪ مان فرار ٿيڻو پيو هو انهيءَ زماني ۾ مقتول رومي شهنشاهہ ماريس هن کي پنهنجي علائقي ۾ پناهہ ڏني هئي ۽ ٻيهر اقتدار حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ خسرو پرويز جي مدد پڻ ڪئي هئي ۽ انهيءَ کان علاوه اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ انهن ئي ڏينهن ۾ قسطنطنيہ جي زماني قيام ۾ خسرو پرويز ماريس جي ڌيءَ سان شادي ڪئي هئي ۽ انهيءَ رشتي جي بنياد تي ماريس کي هو پنهنجو پيءُ چوندو هو، انهيءَ ڪري جڏهن خسرو پرويز کي رومي انقلاب جي خبر ملي تہ هُو سخت ناراض ٿيو ۽ هن رومي سفير کي قيد ڪري ڇڏيو ۽ نئين حڪومت کي يعني فوڪاس جي حڪومت کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو انهيءَ ڪانپوءِ هڪدم هن پنهنجي فوجن جي ذريعي روم تي چڙهائي ڪري ڇڏي، 603ع ۾ هن جي فوج فرات درياهہ کي پار ڪري شام جي شهرن ۾ داخل ٿي وئي فوڪاس پنهنجي نااهليءَ جي ڪري انهيءَ اوچتي حملي کي روڪڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو ايراني فوجون اڳيان وڌنديون رهيون ايستائين جو هو انطاڪيہ کي فتح ڪنديون يروشلم تي وڃي قابض ٿيون، انهيءَ قبضي جي ڪري هاڻ ايراني سلطنت جون حدون فرات کان نيل تائين پهچي چڪيون هيون سابق رومي سلطنت ۾ مذهبي وٺ پڪڙ جي ڪري چرچ جا مخالف فرقا نسطوري، يعقوبي ۽ يهودي اڳ ئي رومي حڪومت کان ناراض هئا، تڏهن هنن روم دشمني ۾ نئين فاتحين جو ساٿ ڏنو انهي ڳالهہ

خسرو پرويز جي ڪاميابي کي تمام آسان بڻائي ڇڏيو فوڪاس جي ناڪامي ڏسي ڪجهہ امير سلطنت آفريقي قبضي ۾ آيل علائقن جي رومي گورنر ڏانهن خاموش پيغام اماڻيو تہ هُو ملڪ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري، پوءِ هن پنهنجي ڇوڪري هرقل کي انهيءَ مهم تي روانو ڪيو هرقل سمنڊ جي رستي فوج سان گڏ آفريقا مان روانو ٿيو ۽ هيءَ سڄي ڪارروائي ايتري رازداري سان انجام ڏني وئي جو فوڪاس کي ان وقت تائين ڪا خبر نہ پئي جيستائين هن پنهنجي محل مان سمنڊ ۾ ايندڙ جهازن جا نشان نہ ڏٺا هرقل معمولي لڙائي ڪانپوءِ گاديءَ واري هنڌ تي قبضو ڪري ورتو ۽ فوڪاس کي قتل ڪري ڇڏيو پر هُو ايرانين جي اڳڀرائي (سيلابِ ايران) کي روڪڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو ايستائين جو آتش پرست حڪومت رومي علائقن تي قبضو ڪرڻ ڪانپوءِ مسيحيت کي مٽائڻ جي لاءِ شديد ترين مظالم شروع ڪري ڇڏيا ۽ گڏوگڏ مذهبي شعائر جي توهين شروع ڪري ڏني گرجا گهر مسمار ڪرڻ شروع ڪيا ويا، تقريبن هڪ لک عيسائي بي گناهہ قتل ڪيا ويا ۽ انهن جي عبادت گاهن جي بدلي هنن جي جڳهن تي آتش ڪدا ناهيا ويا ۽ مسيح جي بچائي بالهہ ۽ سج جي پوڄا عبادت جو رواج وڌو ويو 616ع ۾ جڏهن ايرانين جي گرفت مضبوط ٿي وئي ۽ رومن جا سڀ اڀرندي جا تمام علائقا ايرانين جي قبضي ۾ هليا ويا، ياد رکو اهو ئي هرقل جنهن فوڪاس کي شڪست ڏني پر ايرانين جي طاقت ڏسي هن جي همت جواب ڏئي وئي هئي ۽ هن جي دماغ کو بہ ڪم نہ پئي ڪيو پر هن ٻيهر ڪجهہ سوچيو ۽ هاڻي هن هڪڙي نهايت ئي ڪامياب حڪمتِ عملي تشڪيل ڏني ۽ قسطنطنيہ ۾ نهايت عزم و ارادي سان هڪ وڏي جنگي منصوبي تي غور ڪرڻ شروع ڪيو پر انهيءَ وقت صورتحال اهڙي هئي جو 622ع ۾ جڏهن هرقل پنهنجون فوجون وٺي قسطنطنيہ مان روانو ٿيو تہ ماڻهن سمجهيو تہ دنيا رومن ايمپائر جو آخري لشڪر ڏسي رهي آهي پر هرقل واقف هو تہ ايراني حڪومت سامونڊي طاقت ۾ ڪمزور آهي هن پنهنجي سامونڊي ٻيڙي کي پٺيان کان حملي جي لاءِ تيار ڪيو ۽ هن پنهنجي فوجين کي بحر اسود جي رستي مان لنگهائي آرمينيا ۾ لاٿو ۽ اتي عين انهيءَ مقام تي ايرانين جي مٿان هڪ زبردست حملو ڪيو، جتي سڪندرِ اعظم انهيءَ وقت جي ايراني سلطنت کي شڪست ڏني هئي ۽ پوءِ هن شام کان مصر تائين پنهنجو مشهور مارچ ڪيو هو ايراني انهي غير متوقع حملي کان سخت پريشان ٿي ويا ۽ هرقل جي اڳيان سندن پيرئي نہ لڳو پر اها هو ايشياءِ ڪوچڪ ۾ زبردست فوج رکندا هئا هو ٻيهر انهيءَ فوج سان حملو ڪري ها جيڪڏهن هرقل هن ڪانپوءِ اتر جي طرف کان سمنڊ مان اهڙي ئي قسم جي بي غير متوقع چڙهائي نہ ڪئي هجي ها پوءِ هو سمنڊ جي رستي کان قسطنطنيہ واپس آيو ۽ آوارين (Avars)سان هن هڪڙو معاهدو ڪيو ۽ انهن جي مدد سان ايرانين کي هنن جي گاديءَ واري هنڌ جي پاسي ۾ ئي روڪي ڇڏيو انهن ٻن حملن ڪانپوءِ هن وڌيڪ ٽہ ٻيون مهمون جاري رکيون 623ع ۾ 624ع ۾ ۽ 625ع ۾ اهي مهمون بحر اسود جي ڏاکڻي ڪنڌي کان حملو ڪري ايراني راڄ پاٽ ۾ وڃي گهڙيون ۽ ميسوپوٽوميان تائين وڃي پهتيون. انهي ڪانپوءِ ايراني جارحيت جو زور ٽٽي پيو ۽ سڀ ئي رومي علائقا خالي ٿي ويا، هاڻ هرقل پاڻ ايراني شهنشاهيت جي دل تي حملو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هو تڏهن آخري مارڪو دجلا درياهہ جي ڪناري نينوا جي مقام تي ڊسمبر 627ع ۾ لڳو. هاڻي خسرو جي همت جواب ڏئي چڪي هئي. هاڻي هُو پنهنجي محبوب محل دستگرد مان ڀڄڻ جي تياري ڪرڻ لڳو پر ايستائين هن جي محل جي اندر هن جي خلاف بغاوت شروع ٿي وئي ۽ هن جي پٽ شيرديہ هن کي گرفتار ڪري هڪڙي تهہ خاني ۾ بند ڪري ڇڏيو، جتي هُو پنج ڏينهن زنده رهيو ۽ پوءِ پنجين ڏينهن ڪانپوءِ بي يارو مددگار اُتي ئي فوت ٿي ويو هن جي 18 پٽن کي هن جي اکين جي اڳيان قتل ڪيو ويو پر هن جو هيءُ پٽ بہ اڌ مهينا ئي مس تخت تي رهيو، انهيءَ ڪانپوءِ بي شهزادي هن کي قتل ڪري تاج تي قبضو ڪري ورتو، اهڙي طرح شاهي خاندان جي اندر پنهنجو پاڻ ۾ تلوارون هلڻ شروع ٿي ويون، ايستائين جو چئن سالن ۾ ٽو بادشاهہ تبديل ٿي ويا، اهڙين حالتن ۾ ظاهر آهي تہ تئين سري کان رومين جو مقابلو ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿي سگهيو خسرو پرويز جي پٽ قباد ثاني رومي قبضن تان هٿ کڻي ناهہ ڪري ڇڏيو آخرڪار مارچ 628ع ۾ فاتح هرقل وڏي شان ۽ دٻدٻي سان قسطنطنيہ واپس آيو سندس رٿ کي چار هاٿي ڇڪي رهيا هئا ۽ ماڻهو گاديءَ واري شهر جي ٻاهران روشنيءَ جو شاندار بندوبست ڪري، هٿن ۾ زيتون جون ٽاريون کڻي پنهنجي هيرو هرقل جي استقبال لاءِ موجود هئا.

منهنجا نوجوانو ياد رکو هرقل جي ڪاميابي جو اصل سبب هن جي ناهيل بهترين حڪمتِ عملي جو نتيجو هو. آئون عرض ڪيان تہ زندگيءَ جي هر پهلو ۾ حڪمت عملي اهم آهي چو تہ مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ موجود وسيلا عام طور تي محدود هوندا آهن انهي ڪري انهن وسيلن کي استعمال ڪرڻ جي هنر کي ئي حڪمتِ عملي چئبو آهي!

ٻڌڪا ٽڪر جا اُجڙيل قديم آثار!


اعظم پٺي

ٻڌڪا ٽڪر سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جي دور جا انتهائي اهم ۽ قديم تاريخي آثار آهن. اِهي ماڳ سنڌو نديءَ جي ڪناري، تاريخي شهر جهرڪ جي سامهون درياهہ جي ٻئي پر واقع آهن. هن قديم تاريخي آثار جي تاريخي پسمنظر ۽ اهميت جي سان حوالي سان سنڌ ۾ ٻي صدي عيسويءَ دوران ڪشان گهراڻي (خاص ڪري راجا ڪنشڪ) جي دور ۾ ٻڌ ڌرم کي وڏي مقبوليت ملي. ان دور ۾ سنڌ ۾ ڪيترائي اسٽوپا ۽ عبادتگاهون ٺهيون، جن مان 'ٻڌڪا ٽڪر' بہ هڪ اهم مرڪز رهيو آهي. مهائيان پنٿ جا ثبوت: مير رکڻ جو ٿل، ڪاهو جو دڙو ۽ موهن جي دڙي جي اسٽوپا وانگر، ٻڌڪا ٽڪر بہ ٻڌ ڌرم جو هڪ وڏو مذهبي ثبوت آهي. جاگرافيائي بيهڪ جي لحاظ کان هي ٽڪريون جهرڪ شهر جي بلڪل سامهون اڀرندي طرف سنڌونديءَ جي ٻئي پار ملاڪاتيار شهر ويجهو موجود آهن. قديم زماني ۾ سنڌو نديءَ جو مڪيہ وهڪرو هنن ٽڪرين جي ويجهو گذرندو هو ۽ اڳتي هلي ڪلري ۽ بگهاڙ ڦاٽن ۾ ورهائجي ويندو هو. هن وقت مقامي سطح تي هن علائقي کي 'ٻڌڪا ٽڪر بند' جي نالي سان بہ سڃاتو وڃي ٿو. موجوده وقت ۾ هتي قديم آثارن جا کنڊر ۽ ٽڪريون موجود آهن. اڄڪلهہ هن ماڳ جي چوڌاري جهنگلي ٻيرن ۽ ديوين جا وڻ وڌي ويا آهن. جنهنڪري مٿي چڙهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ٿي. تنهن هوندي بہ تاريخ ۽ قديم آثارن سان چاهہ رکندڙ ماڻهو اِجا تائين بہ هنن آثارن تي گهمڻ ايندا آهن پر اهي تفريح جو تجسس کڻي ايندا آهن. ان حوالي سان هن قديم آثار جي تباهي ۽ بربادي ڏسي مايوس ٿي هليا ويندا آهن. هنن آثارن تي تحقيق ڪندي 'مسٽر ڪارٽر' هتي بہ ننڍا دڙا ڳوليا لڌا. هتان لڌل سرن جي مٽيءَ تي ڪم آيل رنگ، ڪاريگري ۽ لکت کي جانچيندي ڪيس ٻڌ ڌرم جي ٻن راجائن جا نالا ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي راجا ڪنشڪ جي زماني ۾ ٿي گذريا آهن. موجوده وقت ۾ هن ٽڪر تان اهڙيون سرون هٽ

اڄن ٿيون، جن تي ٻڌ ديوتا جي تصوير چٽيل آهي. هينري ڪزنس لکيو آهي تہ 'سنڌ جي ٻڌ ڌرمي آرائشي تعمير' تي بمبيءَ شاخ جي رايل ايشياٽڪ سوسائٽي 1857ع جي جرنل جي لکت آهي، جيڪا مٽيءَ جي پڪل مهاتما ٻڌ جي آرائشي مورتيءَ سان واسطو رکي ٿي. سا سنڌ طرفان سوسائٽيءَ ڏانهن موڪلي وئي. اها لکت ٻڌائي ٿي تہ انهن پڳل مٽيءَ جا پڪل ٽڪر جيڪي عجائب گهر ڏانهن موڪليا، سي گوتم ٻڌ جون مورتيون آهن جن ۾ هن کي ويٺل ۽ سندس چنگهون مٿي اُڀيون ڪري ڏيکاريل آهن. مهاتما ٻڌ جي آرائشي ٺڪر جي مورتيءَ جا ٽڪرا حيدرآباد سنڌ جي ڪنجي ٽڪر جي ڀي جاڙه مان مليا آهن. اُهي ٽڪرا جهرڪ مان لڌل ٽڪرن جهڙا ساڳيا آهن. سندس مٽي تي گهنڊيدار وارن جيان ڪنهن ٽوپيءَ جو احساس ٿئي ٿو. بارٽل فريئر انهن آرائشي ٽڪرن بابت لکي ٿو تہ 'اسان اهي ملاڪاتيار ۽ ٺٽي محمد خان جي وچ تي سعيدپور جي پرپاسي جي ماڳن تان جهجهي تعداد ۾ لڌا.'

هي قديم آثار ٺٽي محمد خان ضلعي جي قديم وسندي ملاڪاتيار شهر جي ويجهو سنڌوءَ دريا جي ڪنڌيءَ تي قديم ماڳ ٻڌڪا ٽڪر جا آهن. ڪو وقت هو جو جهرڪ شهر جي اوپر طرف سنڌو دريا جي ٻئي ڪپ تي جهرڪ مان بيهي ڏسبو هو تہ 'ٻڌڪا ٽڪر' نمايان نظر ايندو پر هاڻ باقي ٿالي ماتر ٽڪري ۽ تباهہ و برباد ٿيل ننڍا ننڍا پٿر بہ ٿالي ماتر بچيا آهن. ان حد تائين جو وڏا وڏا پٿر بہ غائب ٿي ويا يا ڪيا ويا. مطلب تہ مجموعي طور چڙ تہ اُهي آثار ئي ميسارجي ويا. جن تي هاڻ بس افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو.

ميڪ بفيلو گريٽ اگين: صدارتي معافي وارو ڏڳو!


راجا زاهد اختر خانزادو

آمريڪا ۾ جڏهن ٿينڪس گونگ ڊي اچي ٿو تہ تقريباً هر گهر جي رڌڻي ۾ ترڪي رڌجي ٿي. خاندان ميز جي چوڌاري گڏ ٿين ٿا. ڏڻ ملهايو وڃي ٿو ۽ ان هڪ ئي ڏينهن ۾ لکين ترڪيون خاموشيءَ سان پنهنجي انجام کي پهچي وڃن ٿيون. پر انهن لکين مان هڪ ترڪي اهڙي بہ هوندي آهي جنهن کي هر سال زندگيءَ جو خاص استثنيٰ ملي وڃي ٿو. وائيٽ هائوس جي پراڻي روايت موجب هڪ چونڊيل ترڪي آمريڪا جي صدر سامهون آندي وڃي ٿي. صدر ان تي شفقت ڀريو هٿ رکي ان کي باقاعدي معاف ڪري ڇڏي ٿو ۽ اهو باقي زندگي آرام ۽ سُک سان گذاري ٿو. گويا آمريڪي جمهوريت جو سڀ کان ڪامياب پکي اهو ئي ٿيندو آهي، جيڪو ٿاليءَ ۾ سجڻ بدران صدارتي رحم کائي وڃي.

۽ هاڻي شايد اسلامي دنيا جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ائين ٿيو آهي تہ عيدالاضحيٰ جي موقعي تي هڪ ڏڳي کي بہ بلڪل اهڙي ئي صدارتي معافي نصيب ٿي وئي آهي فرق رڳو ايترو هو تہ هي وائيٽ هائوس نہ پر بنگلاديش هو ۽ هيءَ ترڪي نہ پر هڪ اُچو ڏڳو هو، جنهن جي ڪپار تي سونن وارن جي اهڙي لهرائيندڙ لٽ هئي جو ڏسندڙ حيران ٿي ويندو هو تہ هي ڪنهن وهڙي جي پيداوار آهي يا واشنگٽن جي.

دراصل هن دنيا ۾ رڳو بہ مخلوقات اهڙيون آهن جن جا وار عالمي سطح تي موضوع گفتگو رهن ٿا. هڪ تہ فلمي هيروئنيون ۽ ٻيو اسان جو صدر ڊونلڊ ٽرمپ. فرق رڳو ايترو آهي تہ هيروئنين جي وارن تي شيمپو ڪمپنيون ڪمائين ٿيون ۽ ٽرمپ جي وارن تي سڄي عالمي ميڊيا. هاڻي هن فهرست ۾ هڪ ٽيون نالو بہ شامل ٿي چڪو آهي ۽ اهو آهي بنگلاديش جو هيءُ ڏڳو.

موصوف اڇي رنگ جو آهي، عمر چار سال، وزن لڳ ڀڳ پندرهن سو پائونڊ ۽ پيشانيءَ تي اها سوني لٽ تہ ڏسندڙ يا تہ ڪنهن سيلون جو پتو پڇي يا سڌو وائيٽ هائوس جي مالڪ جي ننڍي ڀاءُ هڪ ئي نظر ۾ ان کي ڊونلڊ ٽرمپ قرار ڏئي ڇڏيو هو اسان وٽ ماڻهو ٻارن جا نالا وڏيرن ۽ اسلامي هيرن تي رکن ٿا، بنگلاديش ۾ هاڻي ڏڳن جا نالا عالمي اڳواڻن تي رکيا وڃن ٿا. ترقي شايد ان کي ئي چوندا آهن.

ٿيو هيئن تہ عيدالاضحيٰ ويجهي آئي تہ ويچاري ٽرمپ نالي ڏڳي کي قربانيءَ لاءِ وڪرو ڪيو ويو پر پوءِ سوشل ميڊيا اهو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو جيڪو اڄ تائين اقوام متحده بہ سرانجام نہ ڏئي سگهي آمريڪا جي ميڊيا بہ ڀرپور ڪوريج ڏني ۽ ان جا فوٽو اخبارن جي زينت بڻيا. ڪيترين تصويرن ۾ تہ ان مٿئين جيپ کي اهڙو مٿي ڪيو هو جو ائين لڳندو هو ڄڻ اهو اسان جي صدر جو نقل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي بنگلاديش ۾ ماڻهو ڪئين ميل پري کان رڳو هن ڏڳي جا وار ڏسڻ اچڻ لڳا. ڪنهن تبصرو ڪيو تہ هي تہ ٽرمپ جي ايشيائي شاخ آهي، ڪنهن چيو تہ آمريڪا جيڪڏهن ائين ئي ٽيرف لڳائيندو رهيو تہ ايندڙ اليڪشن هيءُ صاحب وڙهندو ۽ حقيقت اها آهي تہ ٽرمپ ۽ هن ڏڳي ۾ شايد هڪ ئي فرق هو، سو اهو تہ هيءُ ڏڳو ٽوئيٽ نٿو ڪري.

پوءِ ڳالهہ بنگلاديش جي وزير داخلہ تائين وڃي پهتي تہ جيڪڏهن هن ڏڳي کي ذبح ڪيو ويو تہ عالمي ميڊيا لکندوءِ ڪٿي اصلي ٽرمپ ناراض نہ ٿي وڃن ان ڪري وزير داخلہ فوري حڪم جاري فرمايو تہ خريدار کي رقم واپس ڪئي وڃي ۽ ڏڳي کي قومي چڙيا گهر منتقل ڪيو وڃي هيءُ غالباً انساني تاريخ ۾ پهرين سياسي پناهہ هئي، جيڪا ڪنهن ڏڳي کي نصيب ٿي آهي مون کي تہ حيرت ان ڳالهہ تي آهي تہ هن ڏڳي کي اُهو سرڪاري پروٽوڪول مليو جيڪو ڪيترن رٽائرڊ آفيسرن کي ملازمت جي عرصي ۾ بہ نہ مليو ۽ اها سيڪيورٽي نصيب ٿي جيڪا اسان وٽ اڪثر صحافين کي خواب ۾ بہ ميسر نٿي اچي

البتہ بنگلاديش حڪومت هڪ نهايت دانشمنديءَ جو مظاهرو ڪيو تہ ان ڏڳي کي ڪنهن سرڪاري افزائشِ نسل جي مرڪز ۾ منتقل نہ ڪيو. هاڻي توهان سوچيندا هوندا تہ ڏڳي ۽ افزائشِ نسل جي مرڪز جو پاڻ ۾ ڇا تعلق؟ اڙي صاحب، اسان جي ڳوٺن ۾ اهڙيون سرڪاري جانورن جون اسپتالون هونديون آهن جتي خاص نسل جا ڏڳا رکيا ويندا آهن ۽ آسپاس جا ماڻهو پنهنجون ڍڳيون وٺي هتي اچن ٿا. ڳوٺن ۾ ماڻهو انهن کي 'سرڪاري ڏڳا' سڏين ٿا. انهن جو ڪم رڳو ۽ رڳو ڪاٺڻ ۽ افزائشِ نسل جو ڪم اڳتي وڌائڻ هوندو آهي. هاڻي ٿورو تصور ڪيو تہ جيڪڏهن خدانخواستہ هيءُ ٽرمپ ڏڳو اتي پهچي وڃي ها تہ ڇا ٿي ها. ٿوري ئي عرصي ۾ سڄي علائقي ۾ سونن وارن وارو نسل پکڙجي وڃي ها. هر ٻئي وهڙي ۾ هڪ ٽرمپ جونيئر گهمي رهيو هجي ها. ڍڳيون خاموش بيٺيون هجن ها ۽ اهي صاحب پٽ تي سڱ هڻي ڪري اعلان فرمائين ها تہ ميڪ بفيلو گريٽ اگين. ڪجهہ مهينن بعد شايد ڪير بہ آمريڪي لهجي ۾ نڪرڻ لڳي ها. حڪومت وقت سر حالتن جي نزاڪت سمجهي ورتي ۽ سوچيو تہ جيڪڏهن هيءُ نسل وڌيڪ پکڙيو تہ ممڪن آهي هي ڏڳا بہ ڪنهن ڏينهن ٽيرف لڳائڻ شروع ڪري ڇڏين تنهنڪري احتياطاً ان کي سڌو چڙيا گهر منتقل ڪيو ويو تہ جيئن عوام رڳو فاصلي کان ديدار ڪري ۽ جمهوريت بہ محفوظ رهي.

هاڻي ٿورو سوچيو تہ هيءُ ئي ڏڳو جيڪڏهن بنگلاديش بدران آمريڪا ۾ پيدا ٿيو هجي ها تہ ڇا منظر هجي ها. يقين ڄاڻو هيستائين ان تي ٽي ٽاڪ شوز ٿي چڪا هجن ها، بہ ليڪشن سروي مڪمل ٿي چڪا هجن ها ۽ هڪ دستاويزي فلم بہ ريليز ٿي چڪي هجي ها. سي اين اين وارا پوري سنجيدگيءَ سان ثابت ڪري رهيا هجن ها تہ هيءُ ڏڳو دراصل جمهوريت لاءِ هڪ سنگين خطرو آهي ان جا سڱ آئيني قدرن تي حملو آهن ۽ ان جي خاموشي ڪنهن سازش جو حصو آهي هيڏانهن فاڪس نيوز ان کي ڪلهوڪو آخري محبِ وطن جانور قرار ڏئي چڪو هجي ها. پرائم ٽائيم ۾ هيٽ هلندڙ سرخيءَ ۾ لکيل هجي ها تہ هيءُ ڏڳو اسان جي قدرن جو محافظ آهي ۽ اينڪر اکين ۾ ڳوڙها آڻي فرمائي رهيو هجي ها تہ اڄ اصل آمريڪا ان ئي وهڙي ۾ زنده آهي ڪو مهمان دانشور دعويٰ ڪري ها تہ ڪابي ٿر وارا هن معصوم ڏڳي کان ان ڪري خوفزده آهن تہ هيءُ ٽيڪس گهٽ ڪرڻ جي حق ۾ آهي ۽ پوءِ ان ئي شام فاڪس نيوز جو اسٽور ان ڏڳي جي تصوير وارين ٽوپين ۽ مگ وڪرو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ها، اها ئي تہ هن دور جي سڀ کان وڏي ڪرامت آهي تہ هڪ ئي ڏڳو هڪ چينل لاءِ جمهوريت جو قاتل آهي ۽ ٻئي چينل لاءِ قوم کي اڄپو ڏياريندڙ

مشتاق احمد يوسفي زنده هجي ها تہ شايد لکي ها تہ اسان جي سماج ۾ انسان جي حيثيت هاڻي اها تہ رهي جيڪا هڪ وائرل جانور جي آهي ماڻهو سالن تائين ايمانداريءَ سان نوڪري ڪندو رهي، ڪو سندس حال نہ پڇي، پر هڪ ڏڳو بہ سونيون لٽون وڌائي تہ حڪومت ذاتي طور تي ان جي سلامتيءَ جو بندوبست ڪرڻ پهچي وڃي ۽ منتو جيڪڏهن هيءَ خبر ٻڌي ها تہ سگريٽ جو هڪ ڊگهو ڪش هڻي رڳو ايترو چوي ها تہ صاحب، هيءُ اهو زمانو آهي جتي انسان روز ذبح ٿئي ٿو ۽ دنيا هڪ ڏڳي جي بچي وڃڻ تي تاڙيون وڄائي رهي آهي

اصل الميو اهو ناهي تہ هڪ ڏڳو اتفاق سان ٽرمپ وانگر ڏسجي ٿو اصل الميو اهو آهي تہ هاڻي سڄي دنيا سياست کي وارن، وائرل وڊيوز ۽ تماشي جي حوالي سان سڃاڻي ٿي نظريا ڪلهوڪو دفن ٿي چڪا آهن هاڻي رڳو هيئر اسٽائل زنده آهي اڄ جي سياست ۾ منشور کان وڌيڪ گهرج وارن جي آهي ۽ هيءُ سبق دنيا کي خود ٽرمپ صاحب اُبر ڪرايو آهي تہ سياست ۾ دماغ بعد ۾ اچي ٿو، هيئر اسٽائل پهريان اسان وٽ تہ هيءُ ڏڳو جيڪڏهن پيدا ٿيو هجي ها تہ شايد ان کي ڪو پلاٽ بہ الاٽ ٿي وڃي ها. ڪنهن ٽاڪ شو ۾ بطور تجزيي نگار ويهاريو وڃي ها ۽ سيڪيورٽيءَ جي نالي تي ٻن گاڏين جو اسڪواڊ بہ ساٿس لڳائي ڇڏيو وڃي ها ۽ پوءِ ان جي جوڙي اهڙي سنجيدگيءَ ۽ اهميت جو حصار ڪڍيو وڃي ها، جهڙوڪ هو واقعي ڪو قومي اثاثو هجي. چو تہ اسان وٽ اڪثر شهرت قابليت سان نہ پر تماشي سان پيدا ٿيندي آهي

مون کي تہ اصل ڊپ ان ڳالهہ جو آهي تہ جيڪڏهن هيءُ ڏڳو وڌيڪ مشهور ٿي ويو تہ ممڪن آهي ايندڙ آمريڪي اليڪشن ۾ ريپبلڪن پارٽي واقعي ان کي اميدوار نامزد نہ ڪري ڇڏيا چو تہ اڄڪلهہ سياست ۾ قابليت کان وڌيڪ ضرورت وارن جي آهي هونئن بہ سياست جو آخري انجام بہ ئي جڳهين تي هوندو آهي يا تہ ماڻهو پارليامينٽ پهچي ٿو يا چڙيا گهرءِ اسان جي ڪجهہ حڪمرانن کي ڏسي تہ اهي ٻئي جڳهيون هڪٻئي جي ويجهيون ئي محسوس ٿين ٿيون.

سڀ کان وڌيڪ افسوس مون کي ان ڳالهہ تي آهي تہ هيءُ ويچارو ڏڳو پنهنجي پوري زندگي اهو سمجهڻ کانسواءِ گذاري ڇڏيندو تہ آخر ان کي ڇو بچايو ويو؟ هو تہ شايد اڄ بہ ٻيٺو اهو ئي سوچيندو هوندو تہ يا الله رڳو وار سوني رنگ جا هئڻ سان ايتري عزت، جيڪڏهن مون تاءِ بہ ٻڌي ورتي هجي ها تہ شايد ڪٿي اقوامِ متحده نہ پهچائي ڇڏيو وڃان

انسان صدين کان پنهنجي قسمت جاچڻ لاءِ جوتشين ۽ عاملن وٽ ڀٽڪندو رهيو ۽ هيءُ ڏڳو رڳو هڪ هيئر اسٽائل ڪٿي سڌو قومي چڙيا گهر پهچي ويو بهرحال آئون دل ئي دل ۾ ان لاءِ خوش آهيان چو تہ هيءُ گهٽ ۾ گهٽ دنيا جو اهو واحد ڊونلڊ ٽرمپ ثابت ٿيو جنهن کي عوامي دٻاءُ اڄ ذبح ٿيڻ کان بچائي ورتو.

اڄوڪو ڏينهن ـــــ 30 مئي


مختيار اٽڙ

سردار احمد علي پتافي



اڄ مشهور سياستدان ۽ پتافي قبيلي جي سردار احمد علي پتافيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 30 مئي 1942ع تي ميرپور ماٿيلي جي ڳوٺ گلو پتافيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد سردار فتح علي خان بہ راڄ جو چڱو مڙس ۽ وڏو زميندار هو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ پتافي قوم جي سردار طور پڳ ٻڌائين. هو 1988ع، 1990ع، 1993ع، 2008ع ۽ 2013ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. هن 5 جنوري 2018ع تي وفات ڪئي.

سجاد مهر



هن مشهور شاعر ۽ ڪالم نگار جو جنم 30 مئي 1969ع تي شڪارپور ۾ ٿيو. سندس اصل نالو الهورايو ولد شمس الدين مهر آهي. هن ايم اي (انگريزي)، ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪئي. هن لکڻ جي شروعات 1986ع ڌاري هڪ شاعر طور ڪئي، بعد ۾ ڪالم ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيائين. هن جون لکڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "رقص منهنجي روح جو" (شاعري)، "اکيون پير ڪري" (شاعري) ۽ "ڪولي نمبر 9" (جيل جي ڊائري) شامل آهن.

سيد محمد عالم شاهہ عالم

اڄ مشهور شاعر سيد محمد عالم شاهہ عالم جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سيد اسدالله شاهہ اسد ٽکڙائيءَ پنهنجي ڪتاب "تذڪره شعراءِ ٽکڙ" ۾ هن بزرگ جي جنم جي تاريخ 30 جمادي الاول 1306هہ لکي آهي. سندس ولادت ٽنڊي محمد خان ضلعي جي مشهور ڳوٺ ٽکڙ ۾ سيد حاجي غلام شاهہ جي گهر ۾ ٿي. علامہ اسدالله شاهہ فدا ۽ حاجي محمد حافظ شاهہ سندس چاچا هئا. هن ابتدائي ديني تعليم ڳوٺ جي مڪتب ۾ حاصل ڪئي ۽ عربيءَ جي بہ ٿوري گهڻي تعليم حاصل ڪيائين. ان بعد کيس سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو ويو. هو مئٽرڪ تائين پڙهيو پر وڏي عمر سبب کيس مئٽرڪ جي امتحان ۾ نہ ويهڻ ڏنو ويو. ان بعد ڪجهہ عرصو علي ڳڙهہ ۾ پڙهيو پر ذاتي سببن جي ڪري تعليم اڌ ۾ ڇڏي واپس پنهنجي ڳوٺ جا وڻ اچي وسايائين. هڪ ادبي گهراڻي سان واسطو هجڻ سبب شاعري کيس ڄڻ ورثي ۾ ملي. هن جي شاعريءَ ۾ ڪافيون ۽ غزل وغيره شامل هئا. افسوس جو عمر جي آخري حصي ۾ شاعريءَ تان سندس دل کڄي وئي. انهيءَ ڪري سندس شاعريءَ جو گهڻو حصو ضايع ٿي ويو فقط سندس چند ڪافيون اڄ اسان وٽ موجود آهن. هن 30 مئي 1955ع تي هن دنيا کان هميشہ لاءِ منهن موڙي ڇڏيو.

سيد محبوب علي شاهہ



سيد محبوب علي شاهہ خلافت تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن، سياستدان ۽ ادب دوست انسان هو. هن 9 سيپٽمبر 1902ع تي امرتسر ۾ دنياوي زندگيءَ جي گاڏيءَ ۾ پنهنجو سفر شروع ڪيو. اڃا ننڍوئي هو جو هن جي خاندان امرتسر ڇڏي مستقل طور سکر ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. هن ابتدائي تعليم امرتسر ۽ سکر ۾ حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان علي ڳڙهہ مان پاس ڪيو. هن جو مولانا تاج محمد امروٽيءَ سان عقيدت وارو رشتو هو ۽ سندس خلافت تحريڪ سان پڻ ساٿ رهيو. 1925ع ۾ خلافت تحريڪ سکر جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو. ان کان علاوه الوحيد اخبار جي بورڊ جو ميمبر پڻ رهيو. 1928ع کان 1933ع تائين سکر ميونسپالٽيءَ جي ڪائونسلر طور خدمتون سرانجام ڏنائين. هن آل انڊيا مسلم ليگ ۽ عوامي ليگ جي مقامي عهديدار طور بہ ڪم ڪيو. 1968ع کان وٺي وفات تائين پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو حصو رهيو. هو هڪ سٺو اديب پڻ هو. سندس ڪتابن ۾ "نظريہ پاڪستان"، "اقتصادي مسئلن جو حل"، "جنگ آزاديءَ جا مجاهد" ۽ "سکر جون يادگيريون" شامل آهن. هن 30 مئي 1979ع تي راهہ رباني ورتي.

مرزا همايون بيگ فائق

مرزا همايون بيگ فائق جو شمار سنڌ جي برک اديبن، شاعرن ۽ صحافين ۾ ٿئي ٿو. پاڻ مرزا قليچ بيگ جو ٽيون نمبر فرزند هو. جيئن تہ سندس جنم سنڌ جي هڪ برک علمي ۽ ادبي خاندان ۾ ٿيو، انڪري ننڍي هوندي کان ئي سندس لاڙو فنون لطيفہ سان رهيو. شاعري تہ ڄڻ کيس ورثي ۾ مليل هئي، هو هڪ پختو شاعر هو. سندس شاعريءَ جو وڏو حصو ڪربلا جي سانحي ۽ امامن سڳورن مٿان ٿيل ظلم ۽ سندن صبر تحمل ۽ رفيقن جي قربانين جي مضمونن سان ڀريل آهي. سندس ڪافين جو مجموعو "داستان حيات" ادب جي املهہ سوغات آهي. پاڻ انجمن اماميہ سنڌ پاران شايع ٿيندڙ هفتيوار "پنجتني" اخبار جو ايڊيٽر پڻ رهيو. ان کان پوءِ "ادارهہ قليچ" جو مئنيجر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بڪ اسٽال جو پڻ مئنيجر ٿي رهيو. پاڻ "قليچ دارالاشاعت" جو پايو بہ وڌائين. مختلف موضوعن تي ڪتاب، مضمون ۽ مقالا لکيائين. سندس حياتيءَ جو آخري مضمون "مارئيءَ جي حب" هو. سنڌ جي هن عظيم انسان 30 مئي 1957ع ۾ وفات ڪئي.

اختر اديب



اڄ مشهور اديب ۽ حڪيم اختر اديب جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو اصل نالو غلام محمد شاهہ ولد باغ علي شاهہ لکوي هو ۽ سندس جنم 24 جولاءِ 1932ع تي شڪارپور جي مشهور شهر لکيءَ ۾ ٿيو. سندس والد بہ هڪ سٺو حڪيم ۽ شاعر هو. هن ابتدائي تعليم ٽنڊي جان محمد مان حاصل ڪئي. سال ڪن سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ پڙهيو. سنڌي فائنل جو امتحان شڪارپور مان پاس ڪيائين. هن اديب عالم جو امتحان پڻ پاس ڪيو. هن سنڌي، سرائڪي ۽ اردوءَ ۾ شاعري ڪئي، گڏوگڏ هن ڪيترائي مضمون، افسانا، ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکيا. هن لکي شهر ۾ شاهہ لطيف لائبريري ۽ شاهہ لطيف ڊراميٽڪ سوسائٽيءَ جو بنياد وڌو. سندس لکيل اسٽيج ڊرامن چڱي مقبوليت ماڻي. هن 30 مئي 2003ع تي پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ڪيو.

ڊاڪٽر آفتاب قريشي



ڊاڪٽر آفتاب قريشي دماغي مرضن جي علاج جو وڏو ماهر هو. هن جو جنم 31 مئي 1957ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي ننڍڙي شهر خانواهڻ ۾ ٿيو. هن 1974ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول خانواهڻ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. جڏهن تہ ڪنٽونمينٽ سائنس ڪاليج حيدرآباد مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيائين. هن 1981ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري مان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيو. اڳتي هلي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز مان ايم ايس سي جي سند حاصل ڪيائين. هن مختلف اسپتالن ۾ هڪ نامور نيورو سرجن طور خدمتون سرانجام ڏنيون. 2003ع کان وفات تائين لياقت ميڊيڪل يونيورسٽيءَ ۾ نيورو سرجريءَ جي پروفيسر طور ڪم ڪيائين. بدقسمتيءَ سان مئي 2012ع تي سماج جي ڪجهہ دشمنن کيس تاج ڪامپليڪس ڪراچيءَ مان اغوا ڪيو ۽ سندس آزاديءَ لاءِ 20 ملين رپيا ڀُنگ گهريو. تاريخ 30 مئي 2012ع تي سندس سالگرهہ کان فقط هڪ ڏينهن پهرين کيس گوليون هڻي شهيد ڪري سنڌ کي هڪ عظيم نيورو سرجن کان محروم ڪيو ويو. پاڪستان سرڪار سندس شهادت کان هڪ سال پوءِ 2013ع ۾ سندس لاءِ تمغہ امتياز جو اعلان ڪيو.

ٺٺگرپارڪر لڳ هفتو اڳ لکين رپين جا زيور چورائيندڙ 3 جوابدارن خلاف ڪيس داخل

ڳوٺ ڀهراڻو ۾ نامعلوم چورن راجا عرف رميش جي گهران مان لکين رپين جو سون ۽ چانديءَ چوري ڪئي

پوليس جديد ٽيڪنالوجي جي مدد سان هڪ جوابدار گوتم کي 5 ڪلو چانديءَ ۽ سونا زيورن سميت گرفتار ڪري ورتو

ٿرپارڪر (ن ع) هڪ هفتو اڳ ۾ ٿرپارڪر جي ڳوٺ ڀهراڻو ۾ نامعلوم چورن رات جو گهر ۾ گهڙي ڳوٺاڻي راجا عرف رميش ولد ڪيرو ميگهواڙ جي گهر مان لکين رپين جا سونا ۽ چانديءَ جا زيور چوري ڪيا هئا. ٿرپارڪر پوليس جي مسلسل هڪ هفتي جو ڪوشش رنگ لاٿو. ٿرپارڪر پوليس جديد ٽيڪنالوجي جي مدد سان هڪ جوابدار گوتم ولد سرويو ڪولهي کي 5 ڪلو چانديءَ ۽ سونا زيورن سميت گرفتار ڪري ورتو. ٻڌايو وڃي ٿو ته جوابدار 5 ڪلو چانديءَ زمين ۾ کڏ کوٽي پوري ڇڏي هئي ۽ سونا زيور ڪجهه وڪرو ڪري ڇڏيا هئا ۽ ڪجهه سونا زيور پوليس هٿ ڪري ورتا آهن. ڳوٺاڻي پاران داخل ڪرايل ايف آءِ آر ۾ چوري ٿيل چانديءَ ۽ سونن زيورن جي ماليت 71 لک 94 هزار 650 رپيا ڄاڻائي آهي. ٿرپارڪر جي ايس ايس پي او پيتامبر شرما ٻڌايو ته اسان جي ٽيڪنيڪل ٽيم ۽ ٿرپارڪر پوليس جديد سسٽم تحت فون ٽريس ڪري جوابدارن تائين پهتا آهيون. هن چيو ته چوري ٿيل سونا ۽ چانديءَ جا زيور هٿ ڪري ورتا آهن. هڪ جوابدار گرفتار ڪري ورتو آهي باقي ٻيا جوابدار به جلد گرفتار ڪيا ويندا.

سعودي ولي عهد پاران منيٰ پيلس ۾ ساليانو تقريب، پرڏيهي اڳواڻ شريڪ

سعودي ولي عهد سربراهن، ٻن مقدس مسجدن جي خادم جي مهمانن جو استقبال ڪيو

چاڊ جي صدر، ترڪي ۽ مالديپ جي نائب صدرن شرڪت ڪئي

سنڌ جي گورنر نهال هاشمي، مذهبي معاملن واري وزير سردار يوسف جي به شرڪت

سعودي ولي عهد ٻن مقدس مسجدن جي خادم جي طرفان عيد الاضحيٰ جون مبارڪون

رياض (م ڊ) سعودي ولي عهد محمد بن سلمان منيٰ پيلس ۾ ساليانو تقريب جي ميزباني ڪئي. سعودي ولي عهد سربراهن، ٻن مقدس مسجدن جي خادم جي مهمانن ۽ حج وفدن جي سربراهن جو استقبال ڪيو. استقباليه ۾ البانيا ۽ چاڊ جي صدرن، ترڪي ۽ مالديپ جي نائب صدرن ۽ مصر، موريتانيا ۽ گني جي وزيراعظمن شرڪت ڪئي. سنڌ جي گورنر نهال هاشمي، مذهبي معاملن واري وزير سردار يوسف ۽ علامه طاهر اشرفي پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪئي. پنهنجي تقرير ۾ سعودي ولي عهد ٻن مقدس مسجدن جي خادم جي طرفان عيد الاضحيٰ جون مبارڪون ڏنيون ۽ چيو ته الله سعودي عرب کي ٻن مقدس مسجدن ۽ مقدس هنڌن جي سنڀال جو اعزاز عطا ڪيو آهي. شهزادي محمد بن سلمان چيو ته الله سعودي عرب کي حاجين جي خدمت جو اعزاز عطا ڪيو آهي، ۽ اهي ڪوششون، جيڪي بادشاهه عبدالعزيز جي دور کان وٺي ڪيون ويون آهن، جاري رهنديون.

فوجي دستا فراهم ڪندڙ ملڪ عالمي امن ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن: وزيراعظم

هي ڏينهن امن قائم ڪندڙن جي اهم خدمتن ۽ قربانين کي مڃڻ لاءِ مخصوص آهي

هن سال هن ڏينهن جو موضوع "امن ۾ سيڙپڪاري" رکيو ويو آهي

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف گڏيل قومن (يو اين) جي امن فوجن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ گڏيل قومن جي جهنڊي هيٺ خدمتون سرانجام ڏيندڙ مردن ۽ عورتن کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو آهي. هن چيو ته هي ڏينهن امن قائم ڪندڙن جي اهم خدمتن ۽ قربانين کي مڃڻ لاءِ مخصوص آهي. هن سال هن ڏينهن جو موضوع "امن ۾ سيڙپڪاري" رکيو ويو آهي، جيڪو دنيا ۾ انساني جانين جي تحفظ لاءِ سياسي عزم ۽ مالي سهائتا جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو. وزيراعظم موجب 20 لک کان وڌيڪ مرد ۽ عورتون گڏيل قومن جي 70 کان وڌيڪ امن مشنز ۾ خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن. پاڪستان گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ سڀ کان ڊگهي عرصي کان حصو وٺندڙ ملڪن مان هڪ آهي. ۽ فوجي دستا فراهم ڪندڙ ملڪ عالمي امن ۽ سلامتي قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته گڏيل طور تي امن کي هڪ گڏيل عالمي ترجيح بڻائڻ جو عزم ظاهر ڪري ٿو. 1960 کان وٺي پاڪستان 48 کان وڌيڪ يو اين امن مشنز ۾ 2 لک 35 هزار کان وڌيڪ اهلڪار موڪليا آهن، جن ۾ 500 کان وڌيڪ عورت امن اهلڪار به شامل آهن. شهباز شريف چيو ته اهو قومي فخر جوڳي ڳالهه آهي ته پاڪستان هن وقت گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ پنجون وڏو حصو وٺندڙ ملڪ آهي. 4 هزار 400 کان وڌيڪ اهلڪار ڊيوٽي دوران پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري چڪا آهن، جن مان 181 کان وڌيڪ پاڪستاني امن اهلڪار به شامل آهن. پاڪستان پنهنجي شهيدن ۽ بهادر پٽن ۽ ڌيئرن تي فخر ڪري ٿو.

شهدادپور ۾ پراڻي تڪرار تان لنجواڻي برادري جي هٿيارٻندن جي فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل

ميمڻ پاڙي ۾ ڳوٺ عزت ڪورائي واسي درخان لنجواڻي کي پٽ آڏو قتل ڪيو ويو

مڙهه ضروري قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي ڪهرام

مقتول جي امڙ ارباب زادي جي فرياد تي 5 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

والد کي فوٽو لنجواڻي، شير لنجواڻي ۽ فوجي لنجواڻي وارن قتل ڪيو آهي: پٽ

شهدادپور (ن س) عيد جي ٻي ڏينهن شهدادپور شهر جي ميمڻ پاڙي ۾ پراڻي تڪرار تان لنجواڻي برادري جي هٿيارٻندن معصوم پٽ سامهون 4ٻارن جو پيءُ بيدردي سان قتل. 5ڄڻن خلاف ڪيس داخل عيد جي ٻئي ڏينهن شهدادپور شهر جي ميمڻ پاڙي ۾ لنجواڻي برداري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي هلندڙ تڪرار تان هٿيارٻندن ڳوٺ عزت ڪورائي واسي معصوم پٽ سامهون حملو ڪري ڪهاڙين سان وار ڪري زخمي ڪرڻ بعد 4 ٻارن جي پيءُ در خان لنجواڻي کي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا جنهن جي لاش کي علائقي واسين ڪٺي شهدادپور جي سمس اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران سندس موت جي تصديق ڪئي وئي آهي لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو شهدادپور پوليس مقتول جي امڙ ارباب زادي جي فرياد تي هرهڪ مختار عرف مٺو لنجواڻي، فوٽو لنجواڻي، شير لنجواڻي علي غلام عرف ٽڳر ۽ فوجي لنجواڻي خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي. ڪيس ۾ سندس امڙ موقف اختيار ڪيو آهي ته اسان جو مذڪوره ماڻهن سان زمين تان پراڻو تڪرار هلندڙ هو جنهن سبب سندس پٽ کي مذڪوره ماڻهن قتل ڪيو آهي پوليس ڪيس ۾ نامزد ڪجهه ماڻهن کي گرفتار ڪيو آهي هوڏانهن فوتي درخان لنجواڻي جي معصوم پٽ روئندي ٻڌايو ته منهنجي والد کي فوٽو لنجواڻي شير لنجواڻي ٽڳر ۽ فوجي لنجواڻي وارن قتل ڪيو آهي مون سان ظلم ڪيو ويو آهي [illegible] وڏو ٿي پنهنجي والد جو پلاند ڪندس واقعي بعد ڳوٺ ۾ خوف هراس پکڙيل هيو هوڏانهن فوتي کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس پونئيرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

فائنل نوٽيس پلاٽ الاٽمينٽ جي منسوخي بابت

سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن حيدرآباد ريجن حيدرآباد

سڀني هيٺ ڄاڻايل الاٽين کي اطلاع ڏني وڃي ٿي ته سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن پاران اسمال انڊسٽريل اسٽيٽ حيدرآباد، بدين، ميرپورخاص، هالا، ايڪسٽينشن حيدرآباد ۽ انڊسٽريل پارڪ سيوهڻ ۾ واقع صنعتي پلاٽ/يونٽ مقرر ڪيل شرط ۽ ضابطن تحت الاٽ يا منتقل ڪيا ويا هئا.اهي الاٽي جيڪي بقايا رقم جي ادائيگي ۾ ناڪام آهن يا جن ڊگهي عرصي کان پلاٽن کي صنعتي مقصدن لاءِ استعمال ناهي ڪيو، تن کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته هن نوٽيس جي اشاعت جي تاريخ کان 15 ڏينهن اندر سڀ بقايا رقم ادا ڪن ۽ فوري طور صنعتي سرگرمي شروع ڪن.جيڪڏهن مقرر وقت اندر عملدرآمد نه ڪيو ويو ته ضابطن موجب پلاٽن/يونٽن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، الاٽمينٽ رد ڪئي ويندي ۽ جمع ڪرايل رقم ضبط ڪئي ويندي.سڀني الاٽين کي آگاهي ڏني وڃي ٿي ته وڌيڪ ڪارروائي کان بچڻ لاءِ فوراً پنهنجي لاڳاپيل اسٽيٽ آفيس سان رابطو ڪن

ڊفالٽرز جي فهرست

S. No.	Name of Allotte	Plot No.	Outstanding Dues
SIE, HYDERABAD			
1	Mr.Muhammad Hafeez	S-4-A,5,6,7	108748
2	Mr.Muhammad Idrees	S-45	161113
3	Mr.Muhammad Jawaid	S-60&68	346644
4	Mr.Muhammad Hanif	S-98	122740
5	Mr.Amit Kumar	S-109	152096
6	Mr.Muhammad Iqbal	S-116-A,117-A	166950
7	Mr.Abdul Latif	S-122	147480
SIE, BADIN			
1	Mr.Rizwan Raza	91	302805
2	Mr.Manzoor Ahmed	36,37	532244
3	Mr.Arshad Ali	29	205251
4	Mr.Zahid Akhtar	41	294128
5	Mr.Sajjad Akbar Abssi	77	192718
6	Mr.Abdul Shakoor	61to65,67to72	1703227
7	Syed Ahmed Baqi	44	595930
SIE, MIRPURKHAS			
1	Haji Muhammad Iqbal	152, 161, 168, 169, 170, 171	2172905
2	Haji Ahmed Noor	127	460876
3	Mr.Muhammad Aslam	80,81	713242
4	Mr.Muhammad Imran	73,74	679120
5	Mr.Muhammad Sajid	142	105114
IP, SEHWAN			
1	Mr.Asghar Ali	16	248496
SIE, HALA			
1	Mr.Haresh Kumar	162,163	587056
2	Mr.Qurban Ali & Others	178	591425
3	Mr.Irshad Ahmed	168	666375
4	Mr.Tara Chand	104to105,113 to 115	1398471
5	Mr.Maghan Mal	52to56,66to70	1398471
SIE, EXTENSION, HYDERABAD			
1	Mr.Mirza Khan	A-4	271350
2	Mr.Muhammad Zubair	A-12	118400
3	Mr.Sharif	A-26	114525
4	Mr.Basit Maqsood	A-49	231525
5	Mr.Aalam Sher	A-88	120945
6	Mst.Salma	A-102	117525
7	Mr.Hafeezullah	A-128	163125
8	Mr.Salahuddin	A-132	117525
9	Mr.Muhammad Asim	A-136	134625
10	Mr.Umar Hayat	B-2	181601
11	Mr.Muhammad Karim	B-8	99750
12	Mr.Muhammad Rizwan	B-12	125400
13	Mr.Muhammad Sharif	B-41	182788
SIE, SANGHAR			
1	Mr.Muhammad Faisal	112,113,121,122	1116102
2	Mr.Ramchand	48to51,55to58	2290484
3	Mr.Ramchand	46,47,52,53,54	1730499
4	Mr.Liaquat	117,118	629117
5	Mr.Liaquat Ali	126	471273
6	Mr.Muhammad Shamshad	141	282909
7	Mr.Muhammad Iqbal Khan	23	279481

ريجنل ڊائريڪٽر (حيدرآباد ريجن)
سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن

ٽنڊوآدم دوستن سان شاخ تي وهنجڻ ويل 17 سالن جو نوجوان ٻڏي فوت

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊو آدم ۾ سخت گرمي ۽ گهٽ سبب دوستن سان گڏجي ٽنڊو برانچ شاخ ۾ وهنجڻ لاءِ ويل جمن شاهه پاڙي جو رهواسي 17 سالن جو نوجوان ضامن علي پٽ معشوق مگڻهار ٻڏي فوت ٿي ويو جنهن کي شاخ مان ڪڍي تعلقه اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

ٽنڊوآدم ۾ ٻن ڄڻن پاران ڊار ڊار آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 25 سالا نوجوان سڪندر ولد محمد بخش ۽ 30 سالا نوجوان اسلم ولد رمضان گهرو مسئلن سبب ڊار ڊار زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم ۾ داخل ڪيو ويو آهي.

سکر ۾ گرمي پد 48 سينٽي گريڊ تائين

CLASSIFIED ADVERTISMENT

گمشده ڪاغذن بابت اطلاع

جئين ته منهنجو شناختي ڪارڊ نمبر 4320664818363 ۽ سروس ڪارڊ نمبر (J-0052-08)ٽريڊ ڊوليپمينٽ آٿارٽي آف پاڪستان ATM نيشنل بينڪ آف پاڪستان ڊرائيونگ لائيسنس ۽ الٽو ڪار سمارٽ ڪارڊ KGG-3346 & AQE-620 موٽر سائيڪل جو سمارٽ ڪارڊ جيڪي ڪراچي ۾ ڪٿي ڪري گم ٿي ويا آهن جنهن کي به هٿ اچن ته هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري غلط استعمال جي ذميواري نه هوندي

ظفر علي ولد وهنڙ گهر نمبر 117 اسٽريٽ نمبر 6 يوسف صاحب خان ڳوٺ گلشن معمار ڪراچي سيل نمبر 03003050557/03343354717

بقايا 1 احتجاج

پارٽي ڪارڪنن، فوت ٿيل 30 ورهين جي شازيه شيخ زال غلام ياسين شيخ جي وارثن ۽ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مظاهرين غلام نبي شيخ، عبدالقيوم شيخ، رخسار شيخ ۽ ٻيا شامل هئا. ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته 25 مئي تي شازيه شيخ کي ويم لاءِ نصير آباد پي پي ايڇ آءِ يونٽ آندو ويو جتي ڊاڪٽر ...

سکر ۾ مبينا طبي لاپرواهي سبب ويم دوران عورت فوت، شيخ برادري جو احتجاج

پي پي ايڇ آءِ يونٽ ۾ ڊليوري بعد 30 ورهين جي شازيہ شيخ جي فوت ٿيڻ تي نعريبازي ڪئي وئي

ڊاڪٽر طرفان ماءُ ۽ ٻار خيريت سان هجڻ جي يقين ڏيارڻ باوجود مريضہ کي وارڊ منتقل نہ ڪيو ويو: وارث

ذميوارن خلاف ڪارروائي ۽ شفاف جاچ جو مطالبو، مظاهرين طرفان معطلي ۽ لائسنس رد ڪرڻ جي اپيل

سکر(بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي سائيٽ ايريا ٿاڻي جي حد نصير آباد ۾ قائم پي پي ايڇ آءِ يونٽ ۾ مبينا طبي لاپرواهي سبب ڊليوري دوران هڪ نوجوان عورت جي فوت ٿيڻ خلاف وارثن ۽ شيخ برادري سان تعلق رکندڙ ماڻهن سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهرين واقعي جي شفاف جاچ ۽ ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو. احتجاج ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ضلعي صدر اصغر علي عرف نومي سنڌي،

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: پ پ اڳواڻ پرويز انصاري، شاهد انصاري ۽ ٻيا قاضي اسد عابد، قاضي مصطفيٰ اسد ۽ قاضي اشهد عباسي سان گڏ ويٺل آهن

دڙو ۽ ٽنڊو باگو ۾ گيسٽرو ۽ مليريا وبائي صورت اختيار ڪري ورتي، سوين ماڻهو مرض ۾ مبتلا

بڊون، خانپور، لاڏپور، ٻچل گگو سميت مختلف علائقن ۾ گرمي سبب گيسٽرو، مليريا ۽ پيٽ جون بيماريون پکڙجڻ لڳيون

بيماري ۾ مبتلا سوين معصوم ٻار، مرد، عورتون سرڪاري اسپتال سميت ٻين اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن، دوائن جي کوٽ سبب پريشاني ۾ مبتلا

غريب مارو ماڻهو پرائيويٽ اسپتالن مان علاج ڪرائڻ تي مجبور آهن، عوام کي ٻي ڌارو مددگار ڇڏيو ويو آهي: شهري

دڙو (رپورٽ: اعجاز اختر ميمڻ) دڙو ۽ ٽنڊو باگو جي مختلف علائقن ۾ گيسٽرو ۽ مليريا وبائي شڪل اختيار ڪري وئي سوين معصوم ٻار، مرد، عورتون گيسٽرو، مليريا ۽ پيٽ جي بيمارين ۾ مبتلا سرڪاري اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن ۽ دوائن جي شديد کوٽ، سرڪاري تڙڪي نجي اسپتالون مريضن سان ڀريل، حڪومت تڙڪي صحت کاتي کان هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻ جي اپيل. تفصيل موجب دڙو ۽ ٽنڊو باگو جي مختلف يوسيز بڊون خانپور لاڏپور ٻچل

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5



گلاب لغاري: عيد ڏهاڙي ٿيل ملاکڙي ۾ ملھ پهلوان زور آزمائي ڪري رهيا آهن



ڄامشورو: سنڌو ڪناري عيد جي ڏهاڙن ۾ ماڻهو تفريح ڪري رهيا آهن

پنوعاقل پرسان شيخ برادري ۾ جهيڙو، ٻن ڄڻا زخمي

باڍيجي ٿاڻي جي حد ڳوٺ مور جا ڪنڊا ۾ معمولي ڳالھ تان تڪرار ٿيو

لٺين ۽ سرڙن جي وار سبب عامر حسين شيخ ۽ عبدالمجيد شيخ زخمي، اسپتال منتقل

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل لڳ باڍيجي ٿاڻي جي حد ڳوٺ مور جا ڪنڊا ۾ شيخ برادري جي ٻن ڌرين ۾ معمولي ڳالھ تان جهيڙو ٿي پيو لٺيون ۽ سرڙا لڳڻ سبب عامر حسين شيخ ۽ عبدالمجيد شيخ سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي تعلقہ اسپتال پنوعاقل منتقل ڪيو ويو جتان ڪائيس سکر رفر ڪيو پيو وڃي

هنگورجا ۾ مختلف ڳوٺن کي ملائيندڙ لنڪ روڊ جو افتتاح

ڊاڪٽر مهرين رزاق ڀٽو پاران مختلف ڳوٺن کي ملائيندڙ روڊ جو افتتاح ڪيو ويو

ترقياتي ڪم عوام جي خدمت ۽ بلاول ڀٽو جي ويزن جو حصو آهي: مهرين رزاق ڀٽو

هنگورجا(ن ع) سوڀوديرو تعلقي جي الحسيني ڳوٺ، وڏو ڪوڪر علي آباد ڪوڪر ۽ ٻين ڀرپاسي جي ڳوٺن کي پاڻ ۾ ملائيندڙ اهم لنڪ روڊ جي تعميراتي ڪم جي مڪمل ٿيڻ تي پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊر ونگ سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر ڊاڪٽر مهرين رزاق ڀٽو باقاعدہ افتتاح ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي وڏي انگ ۾ علائقي واسين سياسي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

مورو: گڏھ گاڏي جي ڀٽسن جي تڪرار تان جهيڙو، عورت سميت 3 ڄڻا زخمي

مورو (ن ع) مورو سنڌوجا ٿاڻي جي ڳوٺ جنڪو لغاري جي رهواسين جو وڪرو ڪيل گڏھ گاڏي جا پيسا گهرڻ تان جهيڙو هڪ عورت سميت 3 ڄڻا زخمي اسپتال منتقل جهيڙي ۾ لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ ڪري هڪ عورت مسمات ماروي لغاري ۽ سميت راهب لغاري ۽ سائين بخش لغاري سخت زخمي ٿي پيا جن کي علاج لاءِ تعلقہ اسپتال مورو منتقل ڪيو ويو. زخمين جو چوڻ آهي تہ ڪجھ وقت پهريان گڏھ گاڏي جو سودو ڪيو هئو جنهن جا پيسا گهرڻ تان مختيار معشوق ۽ دلبر لغاري وارن گهر اندر داخل ٿي لٺين ۽ ڪهاڙين جا وار ڪري اسان کي زخمي ڪيو آهي پوليس 3000 تيل جا وٺڻ باوجود جوابدار گرفتار ناهن ڪيا هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ انصاف فراهم ڪيو وڃي

شهدادپور ۾ ڄام برانچ ۾ وهنجندي نوجوان ٻڏي فوت

گرمي ۾ وهنجندي اونهي ڪڏي ۾ اڇي علي شير آرائين ٻڏي ويو

ٻن ڪلاڪن جي ڳولا بعد لاش هٿ، ڳوٺ ۾ سوڳ جو ماحول، ٻاهر مافيا خلاف احتجاج

شهدادپور (ن ع) شهدادپور لڳ ڄام برانچ ۾ بندي دوران دڪان کولي لڳين ريين جي غيرقانوني مٽي کيڏائي شهر جي بلڊر مافيا کي وڪرو ڪري اونهن ڪڏن هئڻ سبب ڄام برانچ ۾ گرمي ۾ وهنجندي اونهي ڪڏي ۾ اچي هڪ نوجوان علي شير آرائين ولد جاويد آرائين ٻڏي ويو جنهن کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڳوٽاڻن جو وڏو انگ خوني بغيل ڄام برانچ تي پهچڻ شروع ٿي ويو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

سيتارجا ۾ اغوا ٿيل آصفہ مغل جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

مختلف سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ وارثن ڪئمپ قائم ڪري ڌرڻو هنيو

نياڻي کي اغوا ٿئي کي چار مهينا گذرڻ باوجود پوليس ڪک پڃي پيڙو ناهي ڪيو: مظاهرين

سيتارجا(ن ع) سيتارجا جي محلا حسين آباد مان 2 فيبروري تي اسڪول ويندي مبينا طور اغوا ٿي ويل ڏهين ڪلاس جي شاگرديائي آصفہ ڪنول مغل جو چار مهينا گذرڻ باوجود ڪوبہ ڏس پتو نہ پئجي سگهيو پوليس ناري کي بازياب ڪرائڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿيل آهي جنهن ڪري سندس وارث سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا، ناري آصفہ جي بازيابي لاءِ وارثن پاران

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سانگي ٿاڻي جي حد ۾ اڻڄاتل هٿياربند نوجوان کي ڪنهي ويا، پيڻ زخمي

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ سانگي ٿاڻي جي حد ۾ اڻڄاتل هٿياربند مبينہ طور نوجوان ڏاڪر بلو کي ڪنهي ويا، جڏهن تہ مزاحمت دوران سندس پيڻ مهروڻ زخمي ٿي پٽي، پوليس زخمي عورت کي تعلقي اسپتال پنوعاقل منتقل ڪري ڇڏيو



ڪنڊيارو: پاڻي ۾ ٻڏڻ سبب فوت ٿيل نوجوان جو لاش

آمريڪا اسرائيل جي سيني ڏوهن ۾ شريڪ آهي: ايراني پرڏيهي ترجمان

گڏيل قومن جي ميمبر رياست کي ختم ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيڻ خطرناڪ رويو آهي

اهڙا بيان بين الاقوامي لاڳاپن ۾ لاقانونيت کي معمول تي آڻڻ جي ٻي نشاني آهن

تهران(م ڊ)ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي چيو آهي تہ آمريڪا لبنان، فلسطيني علائقن ۽ سڄي خطي ۾ اسرائيل جي سيني ڏوهن ۾ شريڪ ۽ ساٿي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب، ايراني پرڏيهي وزارت جي ترجمان اسماعيل بقائي آمريڪي عملدارن پاران ايران ۽ عمان خلاف ڏنل

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سنڌ ۾ سخت گرمي جا سڀ رڪارڊ ٽٽي ويا، مختلف شهرن ۾ 51 ڊگري تائين گرمي پد رڪارڊ

عيدالاضحيٰ جا ٽيئي ڏينهن شديد گرمي، حيدرآباد 46 سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

نوابشاهہ، لاڙڪاڻو، دادو ۽ خيرپور سميت وچولي سنڌ جا علائقا سڀ کان وڌيڪ متاثر

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ ۾ سخت گرمي سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا عيدالاضحيٰ جا ٽئي ڏينهن سخت گرم رهيا جنهن سبب روڊن رستن تي سنجهند جي وقت ويراني ڇانئيل رهي حيدرآباد ۾ گرمي پد 46سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن تہ نواب شاهہ سڪرنڊ قاضي احمد مورو ۾ 49سينٽي گريڊ گرمي پد رڪارڊ ڪيو ويو لاڙڪاڻو قمبر

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

روهڙي ويجهو پاٽي ڪوٽ ۽ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

تي سوين ڳوٺاڻن ڪنڊرا لنڪ روڊ بند ڪري احتجاج ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل

سيپڪو جي نااهلي ۽ ٽائون انتظاميا جي لاپرواهي سبب علائقو بنيادي سهولتن کان محروم آهي: مظاهرين

ايم اين اي، اسپيڪر ۽ صوبائي وزير فوري نوٽيس وٺي پاڻي ۽ بجلي مسئلو حل ڪري ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪن

سکر (بيورو رپورٽ) روهڙي جي ڳوٺ اڇيون قبيون جا رهواسي پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ ۽ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف روڊن تي نڪري آيا ڪنڊرا لنڪ روڊ تي سوين ڳوٺاڻن لنڪ روڊ بند ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل خبر موجب روهڙي جي ڳوٺ اڇيون قبيون جا ڳڏيل ٻن مهينن کان پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ ۽ سيپڪو اختيارين پاران 24 ڪلاڪن ۾ 20

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪنب ۽ راڻيپور پوليس جون ڪارروايون، 3 ڏوهاري سڳ سوڌو سرڳها

خيرپور(ڊ ر) ڪنب پوليس دوران ڪارروائي ڪندي چوري ۾ ملوث ٻن جوابدارن ڏهيسر شر ۽ گلشير شر کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدارن وٽان هڪ چوري ٿيل ڪريڪٽس پسٽول ۽ گوليون برآمد ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن تہ راڻي پور پوليس ڪارروائي ڪندي جوابدار عاطف شاهاڻي کي گرفتار ڪري ورتو جيڪو اغوا سميت ٻين ڪيسن ۾ بہ ملوث هو جڏهن تہ هن جي قبضي مان پسٽول ۽ گوليون هٿ ڪري مٿس ڪيس داخل ڪيو ويو

سيد پور جي آبادگارن جو آبپاشي عملدارن خلاف ماٿيلي ۾ احتجاج

آبپاشي عملدار اسلام مائينر جو پاڻي رشوت عيوض وڪرو ڪري رهيا آهن: مظاهرين

شاخ ۾ پنڌرهن ڪان ويھ فٽ هيٺ تائين غيرقانوني موگا لڳائي پاڻي وڪرو ڪيو پيو وڃي

اسان پاڻي لاءِ سخت پريشان آهيون فصل سڙي رهيا آهن: ميڊيا سان ڳالهيون

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو ويجهو اسلام مائينر مان سيد پور جي آبادگارن جو پاڻي وڪرو ڪندڙ ايريگيشن کاتي جي ايس ڊي او ۽ ٻين عملدارن خلاف آبادگارن پاران نڪتهن اس ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اسلام مائينر جي آبادگارن شبير احمد شر الهڏاڏو بوزدار ۽ ٻين چيو تہ آبپاشي عملدار اسلام مائينر جو پاڻي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5



ڪنڊڪوٽ: ڦر دوران زخمي ٿيل پاڻي ٻئي طرف وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ پيرسن جو ٻالڻن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي آريجا روڊ واري علائقي جي رهواسي پيرسن ٻالڻن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پيرسن حسين بخش ڪلهوڙو ڏانهيندي چيو تہ ڪي مهينا اڳ مان مگسي ذات جي همراهہ ڪان مسواڙ تي جڳھ ورتي جنهن ۾ مان رهائش اختيار ڪري ويٺو آهيان هن الزام لڳايو تہ پاڙيسري ٻاٿر ڪوٽو ڪورڪاٽي سون کي جڳھ سان لڏائي جاٿايل جڳھ مسواڙ تي وٺڻ چاهي ٿو جنهن ڪالھ مون معان غلط الزام لڳائي پنهنجي پٽن علي بخش ڪورڪاٽي ۽ ٻين سان گڏجي گهر ۾ گهڙي مون کي تشدد جو نشانو بڻائي موتمار ڌمڪيون ڏنيون اهڙي داڻهن ڪٽي وليد ٿاڻي تي مقرر منشي طفيل احمد عمراڻي ۽ ٻين کي ڏني جن

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص ۾ عيدالاضحيٰ دوران بنا رڪاوٽ بجلي فراهمي تي حيسڪو عملي کي شهرين پاران خراج تحسين

سخت گرمي باوجود عيد جي ٽنهي ڏينهن دوران بجلي جي مسلسل فراهمي يقيني بڻائڻ تي شهرين جي ساراهہ

حيسڪو چيف جي هدايتن تي انجنيئرن ۽ عملي جي مؤثر حڪمت عملي، شهر ۾ بجلي نظام بهتر رهيو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) عيدالاضحيٰ تي بجلي جي بنا رڪاوٽ فراهمي حيسڪو ميرپورخاص ٽيم کي شهرين جو پرپور خراج تحسين عيدالاضحيٰ جي ٽنهي ڏينهن دوران سخت گرمي باوجود بجلي جي بهترين ۽ بنا رڪاوٽ فراهمي کي يقيني بڻائڻ تي شهرين حيسڪو ميرپورخاص جي آفيسرن ۽ عملي کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي شهرين وقار احمد، عمران

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ لنجوائي برادري جي پراڻي تڪرار تان هٿياربند جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل

ميمڻ پاڙي ۾ عيد جي ٻي ڏينهن هٿياربندن حملو ڪري ڍر خان لنجوائي کي ڪهاڙين ۽ فائرنگ سان قتل ڪري فرار

پراڻي زميني تڪرار تان اسان جي نوجوان کي قتل ڪيو ويو آهي، امڙ جي فرياد تي 5 ڄڻن خلاف ڪيس، ڪجھ گرفتار

شهدادپور (ن ع) عيد جي ٻي ڏينهن شهدادپور جي چاڪي پاڙي ميمڻ مسجد لڳ لنجوائي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهنن کي علائقي واسين ڪٽي شهدادپور عزت ڪورائي واسي ڍر خان لنجوائي تي ڪهاڙين سان وار ڪري زخمي ڪرڻ بعد گوليون هڻي ڪيس قتل ڪري ڇڏيو آهي هلندڙ پراڻي تڪرار تان هٿياربندن ڳوٺ جي سمس اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن پاران سندس موت جي تصديق ڪئي وئي آهي لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ زيبسٽ يونيورسٽي جو شاگرد پاڻي واري موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

نظر محلا ۾ نوجوان شاگرد ملو عرف باسط علي ملڪاڻي گهر اندر موٽر مان ڪرنٽ لڳو

ڪيس بيهوشي واري حالت ۾ اسپتال آندو ويو جتي نوجوان دم ڏئي ڇڏيو ۽ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي نظر محلا ۾ زيبسٽ يونيورسٽي جو شاگرد ملو عرف باسط علي ملڪاڻي گهر اندر پاڻي واري موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب بيهوشي جي حالت ۾ اسپتال آندو ويو جتي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو جتي نوجوان دم ڏئي ڇڏيو جنهن جي لاش ماڻن سندس وارثن اڳڪرائون ڏيندڙ رهيا ان ڪرنٽ لڳڻ سبب

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ عيد ڏينهن ۾ بدامني برقرار، ڦر جي مزاحمت تي فائرنگ، ٻہ پائر زخمي

لوهي پل پرسان ڦر جي ڪوشش دوران هٿياربندن فائرنگ ڪري ابوبڪر اعظم کي زخمي ڪيو

زخمين مان هڪ نوجوان جي حالت گنڀير ٿي، پوليس خلاف ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڳوٺ قاسم خان سبزوئي جا رهواسي ابوبڪر ۽ محمد اعظم ولد مولوي شفقي سبزوئي موٽرسائيڪل تي شهر اچي رهيا هئا تہ هٿياربندن ڦر جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن ۾ ٻئي سخت زخمي ٿي پيا، ڌاڙيل زخمين کان موٽرسائيڪل موبائل فون روڪ رقم ۽

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5



شهدادپور: فوت ٿي ويل نوجوان جي حياتي جو يادگار هڪ فوٽو

خيرپور پوليس پاران ٻن ڌاڙيلن کي هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس ٻن ڌاڙيلن کي هٿيارن سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي



اوباوڙو: آبادگار پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي جي مختلف علائقن مان ٻن نوجوانن جا لاش لڳ لاش هٿ آيا، جاچ شروع

گلاب لغاري پرسان عيد جي موقعي تي ثقافتي راند ملھ ملاکڙو منعقد

عيد جي ٻئي ۽ ٽئين ڏهاڙي لغاري اسپتال کي ٿي منعقد ملاکڙي ۾ لڳ ڀڳ ۽ اٿ جي ملھ پهلوانن حصو ورتو

ملھ پهلوانن کي شوقينن طرفان خوب داد ۽ تعداد انعام پڻ ڏنو ويو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

هالا ويجهو رئيس علي احمد خان نظاماڻي تي ڇپايل ڪتاب جي مهورتي تقريب

مهورتي تقريب ۾ ڊاڪٽر نياز ميمڻ سميت علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيتن جي شرڪت

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5



سکر: سائيٽ ايريا نصيرآباد ۾ پي پي ايڇ آءِ واري واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مديجي ۾ مبينا طور گهرو ڳالهين تان نوجوان پورهيت پاران خودڪشي جي ڪوشش، اسپتال داخل



هنگورجا: پ پ ايم اين اي ڊاڪٽر مهرين ڀٽو افتتاحي تقريب ۾ ڳالهائي رهي آهي

حيدرآباد ۾ عيدالاضحيٰ مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو وئي سيڪيورٽي انتظام سخت

عيد نماز جا وڏا اجتماع عيدگاهہ راڻي باغ، قدم گاهہ مولا علي ۽ ٻين مسجدن ۾ ادا ڪيا ويا

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي سنت تي عمل ڪندي شهر لطيف آباد قاسم آباد ۽ ڀرپاسي ۾ قربانيون ڪيون ويون

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ عيدالاضحيٰ مذهبي عقيدت سان ملهائي وئي عيد نماز جا وڏا اجتماع عيد گاهہ راڻي باغ ۽ قدم گاهہ مولاعلي تي ٿيا جڏهن تہ امام بارگاهن مسجدن ۽ کليل ميدانن تي عيد الاضحي جي نماز ادا ڪئي وئي حيدرآباد ۾ بہ حضرت ابراهيم عليہ اسلام جي سنت تي عمل ڪندي جانورن جي قرباني ڪئي وئي حيدرآباد

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ زيارتن لاءِ بارڊر بندش خلاف احتجاج، زائرين جي فوري بحالي جو مطالبو

سنڌ پلگرمس آرگنائيزيشن پاران پريس ڪلب آڏو مظاهرو، ايران ۽ عراق جي زيارتن تي پابندين خلاف نعريبازي

هڪ سال کان بارڊر بند هجڻ سبب قافلا رڪيل، زائرين سخت مالي ۽ ذهني پريشاني ۾ آهن: مظاهرين

ٽنڊوڄام(ن ع) ٽنڊوڄام ۾ سنڌ پلگرمس آرگنائيزيشن جي پاران ايران، عراق ۽ ٻين مقدس زيارتن لاءِ بارڊر بند هجڻ خلاف پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ضامن حسين سومرو بشير احمد ڪليري، سلمان ڪليري ۽ ٻين چيو تہ گذريل هڪ سال کان بارڊر بند هجڻ سبب زائرين سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ ڪيترائي قافلا

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ فاروق پنهور تي تشدد جا جوابدار گرفتار نہ ٿيڻ خلاف پنهور برادري جو احتجاج

پريس ڪلب آڏو ايس ايڇ او شهدادپور خلاف سخت نعريبازي، پوليس تي جوابدارن جي سرپرستي جو الزام

ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي ڪري جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي: پنهور برادري

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ پنهور برادري طرفان سنڌن برادري جي نوجوان وڪيل فاروق پنهور مٿان ورچ ڪندي حملو ڪري تشدد ڪري زخمي ڪرڻ واري داخل ڪيل ڪيس ۾ نامزد ڪيل راجپوت برادري جي جوابدارن جي گرفتاري نہ ڪرڻ ۽ ڪمداريٿيل ايس ايڇ او شهدادپور خلاف فقير سومر پنهور بخشڻ پنهور سونو فقير ڪيريو صدام حسين پنهور وقار پنهور ۽

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل پرسان پنگر برادري ۾ پراڻو تڪرار ڀيهر ڀڙڪيو، فائرنگ، نوجوان زخمي

ڳوٺ عبدالرحمان پنگر ۾ فائرنگ، علي حسن پنگر مرڻينگ حالت ۾ اسپتال منتقل

مجيد، عبيدالله ۽ ٻين گولين هڻي نوجوان کي زخمي ڪيو آهي: وارث

باڍيجي ٿاڻي تي 6 ڄڻن خلاف ڪيس داخل، پوليس پاران جاچ جاري، علائقي ۾ خوف

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل پرسان پنگر برادري جو تڪرار ڀيهر ڀڙڪي اٿيو باڍيجي ٿاڻي جي حد ڳوٺ عبدالرحمان پنگر ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ نوجوان علي حسن پنگر سخت زخمي ٿي پيو. وارثن الزام هنيو آهي تہ جوابدار مجيد پنگر عبيدالله پنگر ۽ ٻين گوليون هڻي نوجوان کي مرڻينگ ڪري ڇڏيو. زخمي نوجوان کي پنوعاقل تعلقہ اسپتال منتقل ڪيو ويو علائقي ۾ خوف ۽

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5



دڙو: مليريا ۽ گيسٽرو سبب متاثر ٿيل ٻارڙا اسپتال ۾ داخل آهن

سيد قائم علي شاهہ جي وڏي وزارت دوران خيرپور کي ايجوڪيشن سٽي بڻايو ويو: نفيسہ شاهہ

خيرپور ميڊيڪل ڪاليج، انجنيئرنگ ڪاليج ۽ سول اسپتال خيرپور جي نئين سر تعميراتي

ٽيڪنيڪل يونيورسٽي، زرعي ڪاليج خيرپور جون ڳالهيون: عمران سان ڳالهيون

خيرپور(ڊ ر) ميمبر قومي اسيمبلي ڊاڪٽر نفيسہ شاهہ جيلاني چيو آهي تہ خيرپور ۾ سيد قائم علي شاهہ جي وڏي وزارت دوران خيرپور کي ايجوڪيشن سٽي بڻايو ويو

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ماٿيلي ۾ قتل ٿيل نوجوان جي وارثن جو قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

برادري جي جوابدارن زمين تي قبضو ڪرڻ خاطر نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو آهي: وارث

ميرپورماٿيلو پوليس جوابدار گرفتار نہ ٿي ڪري، ترت گرفتار ڪيا وڃن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ سنڌ مان اغوا ٿيل معصوم ٻارڙن جي بازيابي لاءِ سڄاڻ ڌرين جو مظاهرو

پريا ڪماري، اجالا سولنگي، نيشلا سرڪي، ساحل ڪوريجو ۽ نويد لاشاري جي اغوا خلاف احتجاج

وڪيلن ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن پاران معصوم مغوين کي فوري بازياب ڪرائڻ جو مطالبو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5



سيتارجا: شاگرد کي ڪتبي گر ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پنگريو ۾ لنڪ روڊن جي نہ ٺهڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

علي خان ڪوسو سميت 10 کان وڌيڪ ڳوٺن جي رهواسين مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

گذريل 20 سالن کان روڊن جي مرمت ناهي ٿي، چونڊيل نمائندن نظرانداز ڪيو آهي:مظاهرين

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

چوهڙ جمالي لڳ 10 سالن جي نياڻي سان مبينا جنسي زيادتي، جوابدار گرفتار

ڳوٺ عبدالله گجريو ۾ نياڻي نظيران ملاح سان مبينا جنسي زيادتي جو واقعو رپورٽ ٿيو

پوليس ڪارروائي ڪندي جوابدار عباس گجريو ولد صديق گجريو کي گرفتار ڪري ورتو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

اوباوڙو لڳ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻہ زخمي

سنڌڙي شگر مل ويجهو ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون سامهون زودار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ڊرنگ ملوڪ ڀٽو موقعي تي فوت، ۽ ٻہ ڄڻا زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمين کي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

اوباوڙو (ن ع) اوباوڙو گڏو ڪشمور لنڪ روڊ تي سنڌڙي شگر مل ويجهو ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون سامهون زودار ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار هڪ ڄڻو نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويو آهي ۽ ٻہ ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا آهن فوت ٿي ويل نوجوان جي سڃاڻپ ڊرنگ ملوڪ والي اصغر ڀٽو طور تي ڪئي وئي آهي مقامي ماڻهن جي اهڙي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي ڪري فوتي نوجوان جو لاش ۽ زخمين کي ڪٺائي تعلقہ اسپتال اوباوڙو منتقل ڪري ڇڏيو آهي

مورو ۾ افسوسناڪ واقعو، مڙس پاران زال کي مبينا طور ڪارو ڪري پٿر پيارڻ قتل جي ڪوشش

درس روڊ تي گهريلو تڪرار دوران ڇٽڻ ٻارڙن جي ماءُ جميلان جتوئي سخت زخمي حالت ۾ اسپتال منتقل

ڊاڪٽرن موجب فوري طبي امداد بعد عورت جي جان بچائي وئي، حالت هاڻي خطري کان ٻاهر

مڙس خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي: متاثر عورت

مورو(ن ع) مورو شهر درس روڊ تي مڙس پاران زال کي مبينا طور مارڻ جي ڪوشش زال کي ڪارو ڪري پٿر پياري ڇڏيو عورت مورو اسپتال منتقل، واش ڪري زندگي بچائي وئي ڇٽڻ ٻارڙن جي ماءُ جميلان جتوئي کي سندس مڙس محمد ولد غلام مصطفيٰ جتوئي پاران گهريلو مسئلي تان مسلسل مارڪٽ ڪرڻ بعد مبينا جوس ۾ ڪارو پٿر رجهي پياري ڇڏيو نازڪ حالت ۾ مورو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ مائرن جي ڏينهن تي يادگار تقريب، شاگردن جون دلڪش پرفارمنسون

خيرپور(ڊ ر) دي سي وي اسڪول خيرپور ڪيمپس جي طرفان مائرن جي ڏينهن 2026 جي هڪ يادگار ۽ باوقار تقريب سجل آڊيٽوريم خيرپور ۾ منعقد ڪئي وئي هن خوبصورت پروگرام ۾ شاگردن ۽ شاگرديائين پنهنجي مائرن جي اعزاز ۾ مختلف ٽيبلو ۽ دلڪش پرفارمنسون پيش ڪيون جن کي حاضرين وڏي قدر سان ساراهيو.تقريب دوران انهن والدين کي خصوصي طور تي "لانگ ڪوگيدرنس ايوارڊ" سان نوازيو ويو جيڪي گذريل 7 کان 8 سالن کان اداري سان لاڳاپيل آهن. هي لمحو نهايت جذباتي ۽ فخر جوڳو هو.پروگرام ۾ مائرن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي موجودگي سان تقريب کي چار چنڊ لڳايا. شرڪت ڪندڙ دي سي وي اسڪول جي انتظاميہ جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5



چوهڙ جمالي: زيادتي جو نشانو بڻيل نينگري ۽ الزام هيٺ آيل نوجوان

منشيات نوجوان نسل جو وڏو دشمن بڻجي چڪي آهي: عبدالحسين مري

نشي جي لعنت هن وقت تائين لکين زندگيون تباهہ ڪري ڇڏيون آهن

ڪجھ راشي پوليس عملدارن جي سرپرستي سبب منشيات فروشن کي هٿي ملي رهي آهي

